# ڪشمڪش

(سنڌي ڪهاڻيون)

# Kashmakash

Short Stories in Sindhi

ليکڪ: اُتم

A. J. Uttam

قيمت رواجي جلد ٽي رپيا

ڪتاب ڇپائيندڙ] [مئي ١٩٧١

نئين دنيا پبلشرس
اي-٩ هيرالڊ مينشن،
سيتلا ديوي ٽيمپل روڊ،
مهيم، بمبئي-١٦-

# ڪشمڪش

”هي ڇا؟ نه ڏيٺ نه ويٺ، نه هڪل ڪيائين نه موڪل ورتائين، نه در کڙڪايائين، نه گھنٽي وڄايائين.“

”پر هتي ته نه تنهنجو گھر آهي، نه در آهي. کليل رستي لئي ڪير کھڙو اطلاع ڏئي، ڪھڙي اجازت وٺي!“

”ڇو نه؟ جتي مان بيٺو آهيان، اهو منهنجو ئي گھيرو آهي. اُن ۾ ڪو ڪيئن پير پائي ٿو سگھي؟“

”ڇو نه پائي؟ تون ڪھڙي سيتا ماتا آهين، جنهنجي گھيري ۾ ڪو ڙاوڻ نه گھڙي؟“

”هتي هرڪو سيتا ماتا وانگر، ليڪ اندر پيو هاءِ. هي راوڻ منهنجي گھيري اندر ڇو گھڙي آيو آهي؟“

”تنهنجي اندر ۾ سو راوڻ گھڙي آيو آهي.“

”اندر ۾ راوڻ هجن ها ته هنکي هيڏو ويجھو بيٺل ڏسي به ماٺ ۾ نه بيٺو هجان ها.“

”ماٺ ۾ ڪٿي بيٺو آهين؟“

”ڪيئن نه؟“

”پنهنجين اکڙين کان پڇ، ڪھڙا دفعا گھوُريو اٿَن، هنکي.“

”اکڙين ته فقط آئيني جو آدر ڪيو آهي.“

"اهو پاڻ ٺڳڻ آهي."

"سو وري ڪيئن؟"

"هرڪنهن مرد لاءِ نئين جوان ليڊگر هڪ شڪار هوندي آهي."

"هرڪنهن مرد لاءِ نه، پر هر شڪاريءَ لاءِ ڇوه ۽ مان شڪاري ناهيان."

"تون ڪو اناڙي آهين."

"شڪاري ٻڌڻ ۾ ڪهڙي سوُ رهيائي آهي، شڪاري ئي هڪ عورت جي مجبوريءَ جو فائدو وٺن، انهن کان بهتر آهي ته اناڙي ئي هجان."

"اڙي پاڳل! تون سمجهين ٿو ته هوءَ ڪنهن مجبوريءَ کان، تو سان گڏ اچي بيٺي آهي؟"

"ٻڌهن ڇا؟ هن، اوچتي آيل چوماسي جي وسڪاري ۾ پسي پٽ ٿيڻ بدران ٿي ته ڇتيءَ ۾ اچي اجهو ورتو آهي."

"جڻ ٺڏو ٺورو ڪيو اٿس."

"هن ٺڏو ٺورو ڪيو آهي يا نه، پر گهٽ ۾ گهٽ مولڪي شرف ضرور ڏنو اٿس."

"شرف!... ها... ها... ها... سو ڀلا ڪيئن؟"

"ڪلهي اٿين ٿو، جڻ ڪا ڪيمپ کٽي اٿيئي. ڏس ته سامهون بيٺل مردن جون اکيون پريون اکيون، مون ڏانهن حسرت ۾ نهاري رهيون آهن. وات اٿين ڦاٽي ويو

اٿڻ، ڇڻ کو سنڌن گرهه ڪسجي ويو آهي. هوءَ منهنجي ڇٽيءَ ۾ اُجهو وٺڻ ٻڌران، ٻئي ڪنهن جي ڇٽيءَ ۾ ٻا، پرسات جي وسڪاري ڪان اڳي سگهي ٿي."

"تو جهڙي رشت پشت جوان کي ڇڏي، هوءَ ٻئي وٽ وڃي ها؟"

"ڇو نه وڃي ها. پرسات جي وسڪاري جي ڪن ٿي ته ڪاٺي هئس."

"آڙي اَناڙي، هرڪا عورت فقط تو جهڙي سگهاري مرد لئي ٿي، هرڪ هاريندي آهي."

"جهڙيءَ طرح هر پرش، هڪ سگهڙ گهر لئي ٿو ساهه ڏيندو آهي."

"اَڇا، ته تون هنکي سگهڙ ڪنوار ٿو سمجهين!"

"ها، هوءَ هڪ سگهڙ ڪنوار وانگر ٿي، ته مون کان ٻاهر ڪوئي ڪوئي شرمائي بيٺي آهي."

"اهي ٿي ته عورت جا ڇل ڦل آهن، جن سان هوءَ تو جهڙن سادن مردن کي منجهائيندي آهي. نه نه ڀلا هيئن ڦهڙ واٽ لئي ڪنهن اوپڙو پرش سان ڪا سگهڙ استري اچي بيهندي آهي؟ ڪجهه سوچ، ڇو ٿو گهر آيل گرهه موٽائين."

"مون لاءِ استري ڪاڻ جو گرهه ڪونهي."

"هي گرهه ٻٽجڻ واري گڏي ناهي ته ڇاهي؟ ڏس هن جي ڪيئن ته ٻاهر کي دلڪش ٺاهيو اٿس."

”هر ڪو انسان پاڻ کي دلڪش بڻائڻ چاهيندو آهي. انهه ڪاڻ اُربع خطا ڪانهي.“

”ساڙهيءَ جو پلؤ ٺاهيندي، ڏسين ٿو ته ڪيئن نه تنهنجي ليٽڻ کي، پنهنجي سيني جي اُڀار ڏانهن ڇڪڻ لاءِ لينٺ پيٽي ڏني.“

”نيٽڻ کي نيند نه نٿي ڏني، پاڻ اُنهن کي دُور رهڻ جي التجا ٿي ڪري.“

”اَڇا! هنجي مدهوش نيٽڻ ۾ توکي التجا ٿي نظر اچي؟“

”ها، هنجي معصوم اکڙين ۾ هڪ انسانيت ڀري التجا آهي.“

”۽ تنهنجي مکڙي ٿي ڦهلجندڙ، هن جي گرم گرم ساهه جو ڇهاءُ، تو ۾ لرزش نٿو آڻي؟“

”اُن ساز واري لرزش ضرور آڻي ٿو، جيڪو هڪ مٺڙو معصومڙو آواز آلاپيندو آهي.“

”هنجي مکڙي روپي گلشن مان پکڙجندڙ هبڪار تنهنجي جوانيءَ کي ديوانو نٿي ڪري؟“

”جواني فقط ديواني نه ٿيندي آهي. اها سياڻي به ٿيندي آهي. ياد ٿو اَچيم، اَلاجي ڪنهن استريءَ ٻڌايو هوم ته بس ۾ جوان ڏاڍو لحاظ ۽ ضابطو رکــي، ٿورو دُور وهندا آهن، ۾ مٿن بدن جي ته اصل ڏکري ٿي لهي ويئي آهي. ايندا ڪاهيندا، ۽ اچــي لڳي

لڳي وهندا.“

”۽ اهو به ياد هوندءِ ته ڪٿهن پرش اٿين اــ چيو
هوندءِ ته ڪيئن نه ڪي ڪي ڏالون، لڳي لڳي اڇي
وهنديون آهن ۽ پٺيان به شيمو لڳائي بيهنديون آهن.“

”سڀ آڱريون ته برابر ڪونهن. هرڪا ٻڪري پنهنجي
ڦاهي چڙهندي.“

”تون ته ڪو مرد ناهين، ڪٿا زلي لٻڙي آهين.
هن ٽڪار ۽ برسات پٺل فضا ۾، تنهنجي جڳهه تي
ڪو ٻيو جوان هجي ته ههڙو شڪار اصل هٿان نه ڇڏي.
سائيس مرڪندي مرڪندي، مٺڙا مٺڙا ٻول ٻولي وٺي،
قرب سان چانهه جي آڇ ڪرئس. پوءِ ڪٿهن سئنيما تي
چڪر هڻائڻ لاءِ ٻڙيائيس ۽ پوءِ...“

”اهـو سڀ ڪجهه مان نه ڪري سگهان ٿو. اُن ۾
ڪهڙي فارسي آهي؟“

”ته پوءِ ماڻهو ۾ ڇو ويٺو آهين؟ نچين ڇا ڪان ٿو؟“

”مان غلط ڪم ڪري، هڪ نردوش راهـ ويندڙ
ناريءَ ڪـي، خلق اڳيان ڪلڻ هاب لٿو ڪرڻ چاهيان.
هوءَ هڪ پرش تي وشواس رکي منهنجي شرڻ آئـي
آهي، ان سان وشواس گهات ڪري، ڪيس شرمسار ڪرڻ
لٿو چاهيان.“

”اڙي اناڙي، هوءَ ته اُلٽو خوش ٿيندءِ.“

”نه، ائين چوڻ عورت ذات جي توهين ڪرڻي

ٿيندي."

"۽ ائين ڇٽي تون مرد ذات جي توهين ڪري رهيو آهين."

"نه، سڀ پرش وڀچاري ڪونهن، جئن استريون سداچاري ڪونهن."

"ڇي... ڇي... ذاتقوني خراب ڪري ڇڏيئه... آندء نه اخلاق ۽ آدرش کي وچهر لپائي. حياتي موج مزي لاء آهي. جيترو مزو ماڻي سگهجي ماڻجي، ڪنهنجي پرواهه ڇو ڪجي."

"نه، زندگي جيئڻ لاء ملي آهي ۽ اخلاق ۽ آدرش ئي زندگيء کي جيئڻ لائق بڻائين ٿا."

"ڇڏ اهي رشين ۽ مهاتمائن جون ڳالهيون، سڌ لـ اليئي نه ڪيئن وشوامتر رشي بـ مينڪا اپسرا اڳيان پنهنجو آدرش ڪوهي وينو هو."

"مان ڪلهه جو وشوامتر رشي ناهيان، اڄ جو انسان آهيان، جو ڪنهنجو پٽ آهي، ڪنهنجو پريتم آهي ۽ ڪنهنجو پتي به آهي."

"پر هيء نه مينڪا اپسرا ئي آهي نه؟"

"نه، هيء به اڄ جي انسان ئي آهي - ڪنهنجي ڌيء، ڪنهن جي پريتما، ڪنهنجي پتني."

"ڇڏ اهي پتيئون سماجڪ رشتن جون ڳالهيون ۽ هڪ پل جي لطف لاء ڇو واهي آزاد پکين کي ڦاڙ ۾

جهڳڙجي. هيءَ ڪن وري هٿ نه ايندءِ. هي موقعو هٿان نه وڃاءِ.”

”مان نه پسُون پڪي آهيان، نه موقعي پرست آهيان.”

”اڙي ڏس، پرساد به تنهنجي رهي آهي ۽ هوءَ به وڃڻ جون تياريون پيئي ڪريئي. ڏس، ڪيتري نه ويجهي اٿيئي...”

”نه... چيم نه...”

”هاڻ مرڪي ٿي ۽ ٿي...”

”............”

”ڏيکو ٿوري چپي هيٺ ڪنڌن ته ڪير به نه ڏسندو.”

”............”

”ڏس، هنجي ساڙهيءَ جو پلاند لهنجي سوٽ سان ڪيئن نه لپٽيو پيو آهي.”

”............”

”ڏيکو ٿورو هٿ وڌاءِ ته هنجي هٿ سان وڃي ملندءِ...”

”............”

”ٿوري پاڻهن ڪٽي وراءِ...”

”............”

”پنهنجي مڪڙي کي هنجي مڪڙي جي ويجهو آڻ. ماٺ ڇو آهين؟”

”بند ڪر بڪواس، مان ڪجهه ٻڌڻ نه ٿو چاهيان.”

”اڙي اڙي، هي اڪيون ڇو ٿو بند ڪرين. برسات بند ٿي وئي آهي ۽ شڪار وڃي ٿي ٿو..“

”مان شڪاري ناهيان... ناهيان.“

... برسات سچ پچ بند ٿي وئي هئي ۽ هن رمٽيءَ موڪلائيندي منٺڙي سنگيت جهڙي مڌر آواز ۾ چيو، ”توهان جا شڪرانا.“

هوءَ هلي وئي. هن جي اچڻ ڪري منهنجي اندر ۾ سجاڳي ۽ سنتل من ۾ جيڪا ڪشمڪش هلي هئي سا به بند ٿي وئي. سنتل من هارائي پيو هو. مان سوڍي پاتل، سجاڳي من ڪٺي اڳتي وڌيس. اچا ۾ چـار وڪون مس کنيون هوندم جو پٺيان کنهن جـو ٺهڪڙو ۽ آواز ٻڌم۔ ”سالا ٻڌوُ ٿا...“

# ملاوٽ

لاري ڇري ته ڊرائيور جي زبان به هلي. ٻنهي جي شرط ڏسڻ وٽان. الاجي ڪهڙيءَ ڪٿيءَ ڪيم جو چوالس ٿڪ، ”شاباس اٿيئي. هوا سان ڳالهيون ڪندو ٿو هلين.“

بس اچي پنهنجي واکاڻ ۾ ڇٽڪيو. ”بابوجي، هيءَ اسپيڊ ته ڪجهه ڪانهي. اڃا رڳو ٻن لارين کان گوءِ کٽي ويو آهيان. هونءَ ته ڏهن ڏهن کي ماري مات ڪندو آهيان. مالڪ، توهانجي سر جو سنهن وڏو. چيءِ، ’مال کان وڌيڪ مهمان سان موه رکج.‘ الڪري اچا آهستي پيو هلايان.“

”ڊپ نه ٿيئي!“

”ڊپ؟“ ٺهڪ ڏنائين. ”ڊپ ڀاڻ اسان کان ڊڄندو آهي.“

پر موٽڪي سچ پچ سندس تيز رفتار تي ڏڪڻيءَ پئي ورتو. الڪري ساڻس گهڻو ڳالهائڻ کان ڪيباءِ پئي ۽ ”هان“ ”هون“ کان وڌيڪ نٿي اُڪليم.

منهنجي خوف کي تاڙي ٿي چيائين، ”بابوجي ڊڄو نه. هيءَ ڊرائيوري اسانجي اَبن ڏاڏن جو ورثو آهي. الاجي ڪهڙا لڪ لتاڙيا هوندم. هي ٣٥ سال، سچ ٿو ٿو چوان، ٣٥ سال اٿين ڀاٽي نه ولوڙيو اٿم...“

۳۵ سالن لي ڏاڍو زور ڀڃي ڏنائين. هو جيترو زور ڏئي، اوترو وڌيڪ ڪل اچيس. حقيقت ۾ هنجي ڪل عمر ۳۵ سال هئي ۽ ڊرائيوري فقط ۱۵ سالن کان ڪندو هو.

”... بابوجي اڄ هر چيز ۾ ملاوٽ ٿي پيئي آهي.“ اهي لفظ ٻڌنديئي اڱلڪو ڇرڪ لڳي ويم. ڇا هو مونکي نه نٿو ٺوڪي؟ منهنجي ڌنڌي مان ڪڏهن واقف آهي؟ ليڪن جلدي پڙ لهي ويو. چيائين، ”ڪالڌي کوڙي ۾ نه لهيو، هن ڊرائيوريءَ ۾ به ملاوٽ لڳي پيئي آهي. اصل اناڙي رنگروٽ نڪري پيا آهن، جيڪي رلن کي سنڀالي نه سگهن ۽ اڪسيڊنٽ ڪيو وجهن.“ پر منهنجو ڇرڪ محسوس ڪري سمجهايائين، ”هي لاريون رلون ناهن؟ آهي ڪو هنجو ڏڻي سائين؟ ڪڏهن کهڙي ڊرائيور سان ته ڪڏهن کهڙي سان. ڏٺو ڪونه ته هن ٽي هن رستي تي ڪيترين نه بيوفا ڀٽيون پيئون هيون لاريون؟“

منهنجو مرڪڻ، هنجو ڦوڪجڻ. ”بابوجي، اسانجي ڏينهن ۾ ڪا ڊرائيوري سکبي هئي؟ اصل جوڳ پياڳا پوندا هئا. ڪارگند، ڏک بجا، الاجي ڇا ڇا سهڻو پوندو هو. هاڻي ته سائين ٻلبليون به موٽر پيئون هلائين ۽ اوڙر نيڪ (گوءِ ڪٽڻ) پيئون ڪن. رشوت ڏيو، اکيون مهڪايو، گت مت ڪيو، ليسن ورتيو اچن. ڪيئن ٺيڪ

ٿو چوان، بابوجي؟“ پڇيائين ڄڻ مون کي ڪو گناهه ئي ڪيو. ڳالهه بدلائي چيومانس، ”تون به ته چڱي گٽ مٽ ڄاڻين.“

ڏاڍي فلڪ سان وراڻيائين، ”انگريزي پنج پڙهيو آهيان. گهٽ ڳالهه ٿوريئي آهي. اڄ مئٽرڪ وارو به مون جهڙي گٽ مٽ نه ڪري سگهندو. الاجي ڇا ڇا پاڙهين. بابوجي، لڏهن نه چوان ٿو ته هر چيز ۾ ملاوٽ لڳي پيئي آهي“ ۽ چٽي ڪلي ڏنائين. پوئين جملو ڄڻ لکيو ڪلام ٽٽجي پيو هوس. هونءَ به الاجي ڇو اهو ٻڌندي دل ڌڪ ڌڪ ٿي ڪئي. الاجي ڪهڙا ڪهڙا وسوسا پئي اُٿيا من ۾. دل کي ڏاڍو ڏڍ پئي ڏنم ته آخر هي ڪين جهڙو ڊرائيور منهنجو ڇو ڪجهه بگاڙيندو؟

منجهند جي ماني لاءِ هڪ هنڌ ترسڻو پيو. لاريءَ مان لهندي ئي چئن پنجن خانہ بدوش عورتن تي نظر اَٽڪي پيئي ۽ اها ڦيريان ئي ڦيريان ته ڊرائيور چيو، ”بابوجي، اچي هڪ مرغي.“ پنهنجي چوري پڪڙجڻ تي گهٻرايس پر ٻاهريون ٺهو رکي ڪٽي شوڪيومانس ته ڪلي ڳالهه ڦيرائي چيائين، ”هنن جهنگلي مرغين جي ڳالهه ٿو ڪريان. ڪاٺ جي مرغيءَ جي ٿو ڳالهه ڪريان“ ۽ منهنجو لڏو رخ ڏسي چيائين، ”معاف ڪجو. هلو ته هوٽل ۾ اندر وهون.“ تيا ويهاسين ئي مس ته وڏي واڪي آرڊر ڏنائين، ”اڙي او! بابوجي کي ليٽي، ايڪ

مرغي اوڙ اسپيشل لال پاڻي.”

”لال پاڻي“ ٻڌي ڪنڌ سان ناڪار ڪئي مانس. پر ڊرائيور چيو، ”هي پيئندا ته ٻڌي، وسڪي به وسري وينداوَ. بمبئيءَ ۾ ته، لڪي لڪي چڪي چاڙهيندا هوندا، پر هتي دلي ۾ادلي هرڪو بي ڌڙڪ ٿو پيئي، پيئو ۽ جيئو. هتي توهانکي ڪير ٿو ڏسي؟ جيڪو به ڏسندو، سو پاڻکي ٿي پيو ڏسندو. هتي سڀ هڪجهڙا وينا آهيون. ڪو به ننڍو وڏو ڪونهي. بابوجي، هن ننڍي هوٽل مان ٻاهر نڪرندو آهيان ته، پاڻکي ڏاڍو ننڍو محسوس ڪندو آهيان، گهٽتائيءَ جو احساس گهٽبيندو ائم. ڪٿو بابوجي ڪانو.“

مونکي هيڏي لمبي ليڪچر ۾ سمجهه ٿي نه رهي ته ڪاڏو ڪيڏي مهل آيو ۽ هن ڳالهه لاءِ ڇا گهرايو هو. ”لون ڇا دال روٽي ويٺو کائين؟ لال پاڻي به ڪو نه ٿو پيئين؟“

”بابوجي، اڄ مالڪ سان قول ڪري آيو آهيان ته، توهانکي صحيح سلامت گهر پهچائڻ کان اڳ شراب کي نه ڇهندس. اسين قول جا ڏاڍا پڪا آهيون. بابوجي، توهين به انجام جا پڪا آهيو، جو وقت سر پهچڻ لاءِ ٽرين لاءِ نه ترسي، مال-لاريءَ ۾ ئي چڙهي پيا آهيون.“

پر هنکي ڪهڙي سڌ ته مون زندگيءَ ۾ ڪيترا انجام ڪيا هوندا ۽ ڪيترا پڪا هوندا. مٿان ان ڳالهه ۾ ڊرائيور

ڪجهه ڀڄي وئي، انڪري ڳالهه کي بدلائي پڇيومانس،
"هون ۽ شراب پيئندو آهين نه؟" جنهن هن وقت هن جو
شراب نه پيئڻ مون لاءِ گهڻتائي جو باعث هو.

"ها، ها، ڇا ڪجي؟ غم کي پيئڻ لاءِ شراب پيئڻو
ٿي پوندو آهي. سچ نه شراب نه پر پنهنجو غم پيئبو
آهي. پر بابوجي، توهين ڇو پيئندا آهيو؟ ڇا توهانکي
به غم کي پيئڻو پوندو آهي؟"

"اسان کي نه نشو کپي" الاجي ڪيئن پنهنجائي
مان سچ چئي وينس ۽ رکيس به کولي، "اسانجي
دنيا نه هلي ٿي نشي لاءِ. هر چيز جو نشو... هتڙاڻو
نشو..."

"هتڙاڻو نشو؟ پر بابوجي اسانجي شراب ۾ نه هاڻ
اهو نشوئي نه رهيو آهي. تڏهن نه چوانئو نه هر چيز ۾
ملاوٽ لڳي پيئي آهي..."

هن جو پويون جملو ٻڌندئي منهنجي هٿ مان روٽي ۽
جو گرهه ڪري پيو. اهو ڏسي عجب ۾ چيائين، "ڇو
بابوجي، ڇاهي؟ اسان ۾ هٿ ۾ گراهي ۽ جو ڪرڻ اپسوڻ
سمجهبو آهي."

ڳالهه کي ٽاريندي چيومانس، "ڇڏ انکي، تون
پنهنجي ڳالهه ڪر."

"ها، بابوجي، اڄڪلهه شراب ۾ اهو نشو نه رهيو
آهي. اهو جلد ٿي لهيو وڃي ۽ پوءِ اهو غم، اهائي

غريبي. اهائي مائيءَ پور جي چنتا."

"اڄ چنتا نه ڪر. اڄ مان تو کارايانءِ. مرغيءَ جو آڌر ڏيندس."

"نه، بابوجي، اڄ توهين منهنجا مهمان آهيو." پـــر منهنجي ڇهري تي ان گفتي جو اگرو اثر ڏسي يڪدم پاڻکي درست ڪيائين، "يعني مالڪ جا مهمان آهيو. مان توهانکي ڪنهن به حال پرڻ نه ڏيندس."

جنهن وقت بـــل پٽي پرهائين، تنهن وقت دل ۾ ڏاڍي آنند ماڻڻ پٽي ٿيم. انکي شايد پاڻهي ورتائين جو يڪدم چيائين، "بابوجي، ائين ني سمجهو ته مـــان نه، پر منهنجو مالڪ توهانجو بل پري رهيو آهي. اسان غريبن وٽ ايتري وسعت ۽ حيثيت نـــي ڪٿي آهي جـــو توهانجي ميزبان ٿيڻ جو شرف ملي سگهي!"

ڊرائيور جو هي پنهنجائي جو نوع سهڻ ڏاڍو ڏکيو هو. هن جيتري گهٽي پنهنجائي تي ڏيکاري، مان اوترو وڌيڪ دور ٿي پئجوسانس. ڄڻ ڪو اڇوت هو. سوچيم پٽي ڪٿي منهنجي حيثيت، ڪٿي هي خسيس ڊرائيور. پر ساڳئي وقت هن سان گڏ ويٺو هوس. ٿوري ئي دير ۾ حادثو ڪري سان مونکي تباهه ڪري سگهيو ٿي.

هنجي پي پاڪ ۽ صداقت پري شخصيت موهي رهي هئي. پر هڪ وڏائي جو احساس هنڪان الڳ نه ڪري رهيو هوم. مـــان ڄڻ نه ترشڪوءَ وانگر وچم لٽڪيل

هوس. نه ڪيس صفا ڏڪاري ٿي سگهيس ۽ نه پنهنجائي
ڏيئي ٿي سگهيوسانس. اڄ انهيءَ ڪشمڪش ۾ ٿي
هوس جو لکيم ڪلام ٻڌم، "بابوجي هر چيز ۾ ملاوٽ
لڳي پيئي آهي. سچي ڳالهه ٻڌايانوَ، اڄڪلهه مان مهمان
کان وٺڻ ويندو آهيان..."

"ڇو؟" پڇي ٿي ويٺس.

"هڪ مهمان ٿي منهنجو ننڍو آکيرو... ڊاهي ڇڏيو..."
چوندي لاريءَ کي زور سان بريڪ ڏنائين. ڏاڍو جهٽڪو
آيو. هنجون اکيون ڳاڙهيون ڪڪر ٿي ويئون. جڻ
شراب مون نه، هن پيتو هو. وري چوڻ ڏنو چوانس،
"آکيرو هڪڙو ڊٺو نه ٻيو ڪٽي ٺاهه، اُبم ڪهڙي وڏي
ڳالهه آهي." بس شڪل ٺهائين ڳاڙهي ٿي ويس ۽ چپ
ڦڙڪڻ لڳس.

"بابوجي توهان وٽ اها وڏي ڳالهه ڪانهي..."
چوندي چوندي هنجو گلو گهٽجي ويو ۽ لاري تيز رفتار
سان سنسان رستا پار ڪرڻ لڳي.

جيتوڻيڪ اها حقيقت به هئي ته هو هڪ ڊرائيور
اڳيان دل مڃڻ لاءِ چيو نه ڪيو. پاڻ ڪي ڪيئن هيٺ
ڪريان؟ هو جواب لاءِ نه ترسيو. چوندو رهيو، "اسانجو
آکيرو ڊا پکين پس جو ککن کان جو آکيرو آهي،
جو الي ٻي ڊهي ۽ ٺهي سگهندو؟"

هنجي ان سوال تي دل ڏـي دل ۾ کلي ويٺس.

ٻارهن ٻارهن ڪلاڪ يڪساهي ڊرائيوري ڪرڻ جالورن جو ڪم نه هو ته ڇا هو؟ پر ڪيس اهو سڀ ڪيئن چوان؟ اهو چوڻ سکيو ئي ڪو نه هوس. سڀ ۾ ڪوڙ جي ملاوت ڪري ٿي ته اڄ ڦيري واري مان دوڪاندار بڻيو هوس ۽ دڪاندار مان سيٺ بڻجڻ جا سپنا لهي رهيو هوس. پر ڊرائيور ته سڀ چولدو ٿي ويو ۽ ان سڀ ۾ دلچسپي ۽ وڌندي ٿي رهي، ته ڇاڪاڻ ته اهو سڀ هو ۾ رومانس ۽ راز سان ٽمٽار هو.

"ڪهڙو ٿي هڪڙو ڏينهن هو،" چوندي وري ڪٽي ٻيڪ ڏيئي لاري بيهاريائين، "جڏهن مان پنهنجي گهر موٽي رهيو هوس، جئن توهين اڄ موٽي رهيا آهيو..."

هنجي ان گفتي بدن ۾ ڏڪي پيدا ڪيم. ڇا ڊرائيور کي ٿڌهن سڌ آهي ته مان ڇو لڪڙو گهر موٽي رهيو آهيان؟ وري جو چيائين، "گهبرايو نه، مان توهانکي پوري وقت تي گهر پهچائيندس." ته پڪهر ۾ شل ٿي ويس. ليڪن جڏهن چيائين، "منهنجو گهر ڇا هو، ڇڻ جهوپڙي ٿي ته هئي" ٿڌهن وڃي سامت ۾ آيس.

"پرين ٻن مهنن ڪانهوء پٽي گهر موٽيس. هي ٻيهريون دفعو هو جو ايتري دير ٿي هئي نه ته مهني اندر ٿي موٽندو هوس. جيتوڻيڪ سدائين کٽ پٽ ڪان تنگ ٿي چولدو هوسانس ته دير سان ايندس. سياري جي رات. دل ۾ انيڪ انسنا ۽ اميدون. سوچيم ته پنهنجي پتني ۽

ڪي اهڙو خوش ڪندس جو هن کي ڊاڙ جي لڪ ٿي نه ٻولندي. پر... هوءَ نه اچي ٿي خوش ورتي هئي. اهڙي خوش ڇهڙي اچي نه ڏٺي هئم. پسر هوءَ مونکي ڏسي ڏمڪجي ويئي جڻ ڪيس مهنجي اچڻ جي اميد ڪانه هئي يا ضرورت نه هئي. گهر ۾ چوطرف نظر ڦيرايم ته اهو ٻه هوءَ ڪان وڌيڪ سينگاريل ٿي نڪو. چيوماس، اڄ ته گهر چمڪائي ڇڏيو اٿيئي؟ جواب نه مليم تسي چرچو ڪري پڇيم، 'ڇو ٻيو ڪو اچڻو هو ڇا؟' هـن ڪنڌ سان 'ها' ڪئي. ها، هن سچ پچ هاڪار ڪئي. مون سپنو لٿي ڏٺو. مهنجن پيرن هيٺان زمين کسڪي ويئي. الاجي ڪيئن زبان مان نڪتو، 'ڪير؟' چيائين، 'هو توهانجو دوست جو توهانجي هوندي ٻه ٻه ٽي دفعا مهمان ٿي رهي ويو هو.'

'هان اهو ٿلهو...'

'هوءَ ڪله رات جو آيو هو. سوچيم سيءَ ۾ هو ڪٿي وڃي مٿو لڪائيندو. انڪري ڪٿي اڄهو ڏنو ماس...'

"بابوجي، چوندي چوندي سندس شڪل اهين ڦرن ڦرن ٽيڻ لڳي جو، مان وائڙو ٿي ويس. پڇيومانس، 'ڇو توسان ڪائي اڻنگي هلت هليو آهي ڇا؟' جواب ندارد. پر وڏيون اکيون جن سان هميشه سڌو مون طرف ڏسيندي هئي، اهي زمين تسي جهڪيل هيون. ڪنهن پاپ لي پردو وجهي رهيون هيون.

# مٺا ماڻهو... کٽا سنگترا

هوڪو ٻڌم. دل هرکجي وئي. اٿي در لاٿم. برسات جي ڦڙن سان گڏ گهوڙيءَ جي لفظن جي لڙي پڻ اندر گهڙي آئي:

"بابو، اڄ ناگپوري سنگترا آندا اٿم. باقي ٻه ٽي داڻا آهن. سستا ڏيندو سانوَ! ڪلهائيءَ گهر وڃڻو اٿم."

"اڙي اهي ته تون پاڻ به کائي سگهين ٿي."

"سائين، اسين ائين ڪريون ته ٻچي ڏينهن ڏيوالو ڪڍون. هن مهانگائيءَ ۾ ٻچڙن لاءِ اهي ٻه ٽڪا ئي چوڻ ڪمائي وٺجن."

هو اڪثر ڪري ڪو نه ڪو ميوو کڻي ايندو ٿي هو ۽ ائين ڪساهي ۾ مشين وانگر لفظن جا پرزا گڏيندو چوندو ويندو هو، "فلاڻو ميوو خاص توهان لاءِ آندو اٿم. باقي ٻه چار ٽنگ آهن. سستا ڏيندو سانوَ. جلدي گهر وڃڻو اٿم."

۽ مان به مشين وانگر ٿي جڻ تڪيه ڪلام دهرائيندو هوس:

"ضرورت ڪانهي. سستا ڏيندين ته کڻي وٺندس. پر خراب ته ڪونهن، کٽا ته ڪونهن؟"

اڄ به اهو پنهنجو تڪيه ڪلام دهرايم.

ڪلي چيائين، ”ڊيڊي، ناگپوري سنگترا ٻه ڪي ڪٿا ٿيندا آهن ڇا؟ ڪاٺي مکياري“ چوندي چوندي هڪ سنگترو چلڻ تي لڳو، پر تمام آهستي آهستي، شايد ميوي جي وکري سان گڏ ميووگيان جو ٻه ڪو ماهر ٿي لڳو. سو سندس فلڪ تي وشواس ڪري سنگترو چلڻ لي زور نه رکيو مانس ۽ سنگترا ڪٽي ورتا مانس. پر نه ٻه الاجي ڪيئن چئي ويٺس، ”پاڻو، اڄ وقت ڏي اهڙو آهي، جو سيڪجهه ڪٿو ڪٿو ٿي پيو آهي!...“

”ها.. ها... اَدل سچ ٿا چئو“ ڪلڊو چوندو ٽڪڙو ٽڪڙو هليو ويو.

مان هنڪي ڏسندو ئي رهيس. ٻاهر هنڪي لي ڏٺم، پر اندر ۾ ڪنهن ٻئي کي ڏٺم. من ۾ هرچ لڳو ته مون جيڪو گفتو هنڪي چيو، سو منهنجو پنهنجو نه، ڪو ٻه هو. پرائو هو. پر ان ۾ مون لاءِ ڇا پنهنجائي سمايل هئي، سا وسري نٿي وسري. سنگترا نه ميز لي پيا رهيا پر منهنجي من ۾ يادگيرين جا سنگترا هڪ هڪ ٿار تي چلندا ويا......

اُن ڏينهن ناگپور اسٽيشن تي ريل جو انتظار ڪري رهيو هوس. آفيس جي ڪم سانگي آيو هوس ۽ اهو پورو ڪري موٽي رهيو هوس. بينچ تي ڪنڊ وٺي ويٺس ته مس نه هڪ جوان جوڙو ۽ هڪ ٻالڪ ٻه اچي پرسان ويٺا. ٻئي جان بينچ ۾ چڙ ساهه پٽجي ويو،

وڏراليءَ ۾ ٻُسڻ ٿي ويٺي. هاڻي اسانجي ويٺي، اُن
هنڌ گهوڙن جي واڪو واڪاڻ شروع ٿي ويئي. هو
طرح طرح جي ڏوکڻ سان هرڪائڻ لڳا. نٽهڻ اُس ۾
اُساٽ گهٽائڻ لاءِ ڪٽي سنگترو ورتم ته هن ٻالڪ ٻـ،
ڪيٺو ڪيو. سندس مـاءُ گهٽوٽي لٽائڻ چاهيو ٻر ٻـار
ڪٽي، ٿو مڙي. مجبور ٿي ٻالڪ کي سنگترو وٺي ٿي
ڏنائين. ٻالڪ جيترو ٿي خوشيءَ ۾ ٻرجي سنگترو ڇليو،
اوترو ٿي هڪ ڦار چکي، ڪجي اٿيو. ماءُ کي اهو موٽائي
ڏنائين ۽ چيائين، "ممي، هي کٽو ٿي کٽو آهـي، وَٽ،
مونکي ٻيو وٺي ڏي."

"مٺا، حرام جا پئسا آيا آهن ڇا، جو ٻيو وٺي ڏيانءِ؟
کائي ڇڏ، ٿڙي ۾ اَنڪي ڪونه ٻولدءِ."

ٻر ٻار پنهنجي آلي ٿي.

منهنجو سنگترو نه مٺو نڪتو هو. مون اُهو ڪٽي هن
ٻالڪ ڏانهن وڌايو ۽ مرڪي مرڪي هنکي اُهو وٺڻ لاءِ
آڌرائڻ لڳس. پر، هن خود دار ان ڏانهن اک ڪٽي به نه
نهاريو، اُلٽو ڪجهه ٻند ڪري هڪدم گمبير ٿي ويـو.
پنجن ڇهن سالن جي هيڏڙي ننڍڙي ٻالڪ جي خودداري
ڏسي دنگ رهجي ويس. مگر دل ئي دل ۾ اُن تـي
خوش به ٿيس. انڪري سنگتري لاءِ زور ڀـري هنجي
خودداري ۾ ڦٽو وجهڻ نه چاهيم.

ٻالڪ جي ماءُ، سنگتري جي ڦار پنهنجي پٽيءَ کي

ڏني. ليڪن هن اها نہ ورتي. مون تي هنجي انڪار، ٻالڪ جي انڪار جي اُبتڙ ئي اثر پيدا ڪيو. انساني من بہ ڪھڙو نہ عجيب آهي، جو هڪ جي انڪار تي اهو ٻلهار ٿئي ويو نہ ٻئي جي انڪار تي وڃون وڃون پئي ٿيو.

اُن تي جڏهن گھڻو ئي سوچيم، تڏهن ئي من لاءِ موھ ٿي وڌيم، جنهن هنن ٻن جڻن جي انڪار کي ٻرڪڻ لاءِ پوري تڪ تور ڪئي هئي ۽ انصاف پسند رد-عمل ظاهر ڪيو هو. مان شايد اڃا بہ منهن ڦيري سوچيندو رهان ها جو ٻڌم، "هي ڪھڙو وقت آيو آهي، جو سيڪجھ ڪٿو ڪٿو ٿي پيو آهي. پنھنجا مٽا ماڻھو بہ ڪٿا ٿي پيا آهن؟"

منهنجو منهن اُزخود هن سند ريءَ ڏانهن ڦري ويو، جنهن جي فيلسوفاڻي مڪر تي غم جا ڪارونيار ڪڪر ڪاهي آيا هئا. هڪ ڪن نہ جڻ موت جهڙي ماٺ لڳي ويئي. ٻالڪ ماءُ جي گوڏي تي ئي ليٽي پيو ۽ پيءُ جڻن جو تڏن وينو هو. جڻ هنجو پنهنجن ماڻهن سان بہ ڪو سنبند ئي ڪونہ هو.

هوءَ مون لاءِ هڪ اَجنبي عورت هئي، پوءِ بہ سندس گفتو مولڪي ڪيترو نہ جالل سچائل ٿي لڳو، ڪيتري نہ پنهنجائيءَ جي ڀڪار سان ڀر ٿي لڳو. منهنجي هن جي ٻاري ۾ دلچسپي وڌڻ لڳي، جيئونيڪ

ظاهري طرح اهڙيءَ ڏيکاري نه ڏني. ان ڏيکاريءَ نـ ڏيڻ ۾ ئي ڀلائي هئي ڇو جو هتي سنيڪڇه لڪيپ ۾ ئي گوارا لڳندو آهي. اکين بدران ڪنن کان ڪم ورتو پوندو آهي. مان چپ ڇپ ماري ٻڌڻ جي انتظار ۾ رهيس.

وري به هن سنڌريءَ ڏسي سڏڪو سوريو— "هڪ ٿار به نه کائيندا؟ ڇا ڳالهائيندا به ڪونه! رنـا آهيو؟ سنگترو ڪٽي نه کائو پر ڪجهه ڳالهايو ته سهين. توهان جي ئي ته ڳالهه ڪيم. هاڻي ته بس وڃان ئي ٿي! ڪين سمجهو ٿا ته ريل اچڻ تي گهر موٽي هلنديس...." ۽ التجا ڀري آواز، هنجو مڌر گلو گهٽي ڇڏيو.

هن سنگترو ڪٽي ٽڪر ڪيو. مون محسوس ڪيو ته هن سنگترو نه ٽڪر ڪيو هو، پر پنهنجو ٻانهن کي لڳايل تالو لاهڻي ٽڪر ڪيو هو ته به هن مرد ڪجهه نـ ڪڇيو هو.

وري به ڪجهه وقت خاموشي طاري ٿي ويئي. جاندار بيٺي ٻڌائي، بيجان ئي ويو هو. مگر منهنجي من جي مٿاڇري لهرن ۾ اٿل ڪنهن ٻئي اُڇلير هو. سولن سوال سڙاڪا پاڻڻ لڳا. ڇا پتيءَ جي پتنيءَ کان اڪيلائي آهي؟ پر ان جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ ڇا هيءَ استري هميشه سدائين لاءِ ڇڏي ٿي وڃي يا هو هميشه سدائين لاءِ ڪيئي ٿو ڇڏي؟ پر هيءَ ويچاري اڪيلي ڪيڏانهن ٿي وڃي؟ ههڙيءَ سنڌر استريءَ جو ٻراڪر

هي ڀرش ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ مونکي لڳو، هـو اُهو ئي راجا دشيينت هو، جو پنهنجي ڀرپتما ۽ پتنيءَ شڪنتلا کي سڃاڻڻ کان انڪار ڪري، گهر کان لوڏي رهيو هو. هاءِ! هيءَ اڄ جي شڪنتلا ڪٿي ڪٿي وڃي ڀٽڪندي ڦرندي؟

مان انهن سوالن جي ساگر ۾ اڃا به غوطا کائي رهيو هوس، جو وري به اُهو ئي سريلو سوز ڀريو آواز ٻـڌم- ”ڇا ٿئي ها جي توهين ٻه مون سان گڏ پيڪي هلو ها. هينئن لڏڪڪو وڃڻ سان خود مائٽن جي به نظرن ۾ ڪري پئبو آهي. جڏهن پيڪي گهر جي پرواهه نه ڪري، توهان سان فخر سان هلي آئـي هئس، اڄ اُن گهر ۾ ٻيءَ مانو ٿي ڪيئن ويندي هوندس، ڪڏهن سوچيو به اٿو؟ ڇا منٺ و پيار، ايترو جلد ڪٿو ٿي پوندو آهـي؟ مون نه ڪڏهن سپني ۾ به نه سوچيو هو نه مـان توهان لاءِ ايتري ڪٿي ٿي پونديس، جو هنن ٻن ٽن سالـن ۾ ڇهه اُٺ دفعا ڪٽ ٻٽ ڪري پيڪي گهر رڳي ڪونيو مهمان ٿي وڃڻو پوندو ۽ رڳي ڪونيو گهر واپس موٽـي اچڻو پوندو. هـاڻي اهـو سڀ سهڻ لاءِ ڪجهي ڏاڍي سوڙهي آهي... ههڙي جيئڻ کان نه موت...“

هنجي دل ڀرجي آئي هئي، جڻ اُپ آب اوتڻ لاءِ آتو هو. هوءَ ظاهري نه سانت ٿي لڳي، پر اندران ئـي اندران جڻ سڏڪا ٿي ڀريائين. جنسي ورلاپ ٿي ڪيائين.

مهنجي دل عارضي طور خوشيءَ سان ڀرجي ويئي
ته هوءَ شڪنتلا جئن سدائين لاءِ دشينت وٽان لوڏجي
لٿي نڪري، پر ٿوري وقت لاءِ پيڪي گهر ٿي وڃي.
ليڪن ٿڏهن به سمجهه ۾ نٿي آيو ته هيڏو پيار اهڙو جلد
ڪٿو ڪيئن ٿيو هوءَ هو جوان مرد، گل جهڙي ڳجر ڪان،
ٿورو ٿي وقت سهين، جدا ڪيئن ٿو رهي سگهي؟

مرد جي ماءُ ڏسي مون کي منيان پئي لڳي. هو
اسان جي وچ ۾ بنيرو وينو هو، ان ڪري سندس ڇهري
جا ڀاڱ به ڀانئي نٿي سگهيس. سندس پٺيءَ لـــ پيڙا
وچان ٻروٽجي ويئي هئي. شايد اُن پيڙا کي لڪائــڻ
لاءِ ٿي هن هر گهڙي منهن ڦيري ٿي ڇڏيو. ڪڏهن آگرين
کي ٿي مهٽيائين، ڄڻ من جي ٻُونڪـپ کي دٻائڻ لاءِ
هٿ پير ٿي هنيائين. ڪڏهن ڪڏهن منـهن هٿن سان
ڪٽي ٿي ڍڪيائين، ڄڻ ڪنهن زلزلي ۾ پنهنجي ڊهـوَن
ٿيل گهر ٿي سوچيندي هجي.

۽ هوڏانهن هوُ وينو هو چپ چپ، پٿر جو بتاو بڻيو.
منهنجو شڪ ٿهائين پڪو ٿيڻ لڳو ته هن مـــرد ضرور
ڪنهن ٻيءَ وينگس تي هرڪ هاريو آهي. هاڻي پنهنجي
پتنيءَ مان پلاند آجا ڪرائڻ لاءِ ٿي هيءَ اٽڪل ڪئي
اٿس، جيئن پيڪي گهر وڃي وڃي بيزار ٿئي، هـــوءَ
ڪيس ڇڏي وڃي. اڄ جي نئين زماني جا هي نـــرالا
نمونا ڏسي، مون کي ٿهرس پئي لڳو ته ڪيئن نه سڀ

ڪجهه گونگ ٻوڙ ۾، گهٽ ٻُوسات ۾، اصل شمشان جي شانتيءَ ۾ ٿي ٿو گذري.

هي سڄو نظارو منهنجي مَن ۾ طوفان مچائڻ لڳو- طوفان جنهن ۾ صبر ۽ ڀرم جون ڀاڙون ٽٽي وينديون آهن ۽ ڇٽي ويندو آهي هڪ ڦهري ٻج نفرت جو، جيڪا سڀ سنڌا ۽ سنبنڌ، ساڙي رک ڪري ڇڏيندي آهي. منهنجو هٿ رڪجي، ٻيڙجي ٻيڙجي اُٿيو ٿي هن پتلي کي ڌولاڙڻ لاءِ...... ته هڪ ننڍڙي آواز منهنجي اندر ۾ سس ڪئي- ”تنهنجا هي ڪهڙا مائٽ لڳن جن سان همدردي ۽ نفرت ٿو ڪرين؟“

”ڇا همدردي ۽ نفرت لاءِ رت ماس جو رشتو ئي ضروري آهي؟ انسانيت جو ناتو ڪافي ڪونهي.“ منهنجي من ۾ وڙهه شروع ٿي ويئي.

”هه...... هه...... انسانيت...... انسانيت ته ڪڏهن ڪو مري ويئي آهي. نه ته هڪ معصوم، هڪ ننڍي سنگتري لاءِ سهڪندو رهي ۽ هنجي جيجل ڏسندي رهي. هڪ پتني، پيار لاءِ ٻاڏائيندي رهي ۽ پتي، پٿر جي پتلي جيان سانت ويٺو رهي!“

”ضروري ڪا مجبوري اٿن!“

”ها، ها، من جي مجبوري!“

”نه، نه، ......“

منهنجي من جي وڙهه جاري ٿي هئي، جو هن

سندريءَ جي ڏاهن ٻڌم، جڻ ڪو ٻم ڦاٽو هو. ”اڇا ٻه ته ڳالهايو، اصل نه ڪڇجو، ڇا گونگر ٻڌ والگر چپ ساڌي اٿر؟ پر هيڪان ته ڪرڙيءَ جو به ڏک سٺو نه ٿيو هو. توهان اڳيان هڪ انسان پيو ٻاڏائي ته به توهان جو پٿر به نٿو پگهري...... پر سمجهي ڇڏجو، هي ڀيرو پيڪي گهر منهنجو آخرين ڀيرو ٿيندو. هن ڪانپوءِ ڏکيو سگهيو، هتي ٿي گذر ڪبو...... ۽ يڪدم ٿڌي ٿي فيلسوفاڻي انداز ۾ چيائين، ”هاءِ! ڪهڙو وقت آهي، منا ماڻهو به ڪٿا سنگترا ٿي پيا آهن......“ چوندي چوندي ڦڙڪي پيئي...

۽ لڏهن ون ڏنو ته هن سندريءَ جي ڳلن تان لڙڪ اگهڻ لاءِ وڌيا هن مرد جا هٿ. ۽ ساڻ ساڻ ٻڌم- ”اڙي پڳلي، تون سمجهين ٿي ته پيڪي گهر گهڙي گهڙي ٻي مانو ٿي وڃڻ، رڳو توکي ٿي خراب ٿو لڳي ۽ ڏکي ٿو ڪري؟ مون کي ان موٽاجي ڏيکارڻ ۾ ڇا خوشي ٿيندي هوندي؟ هنن پنجن ڇهن سالن جي ننڍي عرصي ۾، گهٽيون نوڪريون بدلائيون پيئون آهن ۽ گهٽا مهنا سڪو ڪو ڀڳهار آندو اٿم؟ اُف حياتي ڪيڏي نه ڪٺن آهي!. ۽ مان توکي ۽ هن اُهم کي هڪ ڏينهن به بک ۾ ٻاهر ٿيندو ڏسي نٿو سگهان......“

۽ مان وڌيڪ ڪجهه ٻڌان ۽ ٻڌي وڌيڪ ٿورس ڪان، اُن بدران ڏٺم ته هڪ نازڪ هٿ پنهنجو خوشبودار

رومال، هن مرد جي آنسن سان تر آڪڙين اکيان ڪٽي جهليو. پٿر موم اٽجي ويو هو. پٿر ۽ موم جو اهو ميلاپ ڏسندو ئي رهان ۽ وَهسندو ئي رهان، اهڙو سوڀاڳيه نه مليم، جو منهنجي ريل اچي ويئي! مان ٽڪڙو ٽڪڙو وڃي ان ۾ چڙهيس ۽ جيستائين ڏسي سگهيس تيستائين ڏسندو رهيس هن خوددار بالڪ، هن فيلسوف عورت، هن لڙڪ لاڙيندڙ مرد کي......

## ”۽ مان؟....“

مڪان جي ڇت ٽٽي پيئي، ۽ محنت جو ميلو ٿي لڳو. سڀئي ٻي جان ڀلاٽ ۾ جنسي جان اچي ويئي. خوب واڪو واڪا لڳي ويئي- مزدورن ۽ مشين جي، ٺيڪن ۽ ٽغارين جي. تازا توانا مزدور خوب سگهه سان سات ڪري، واس ڏوپ ڏيئي ڪم لــي جنبي ويا، فوجي سپاهين وانگر. هر ڪو پنهنجي پنهنجي ڊيوٽيءَ تي پهاڙ وانگر اڏول. ڪــن ريتي پئي ڪڍي تــه ڪن پٿري. ڪن پاڻي تــه ڪن سيمينٽ مشين ۾ پئي وڌي. ڪن ٽنهي چيزن کــي پئي ملايو. ڪن ٽغاريون پئي ڀريون، ڪن اهي ڪٺي ٻين کي پئي پهچايون. ڪن اهي خالي پئي کيون ته ڪن سموسه پئي سڌي ڪئي.

ڏالون مرد ڪلهو ڪلهي ۾ لائي پئي هليا. ڪڏهن ڪڏهن ته ڀريل ٽغارين سان ڊ ڪيــا ٻه پئي. ڪلندي ڪيڪاريندي ۽ خــوش ٿيندي، گيت ڳنگنائيندي. ٻوجو اٿين ڪڍندا ۽ اڇلائيندا ٿــي ويا جڻ ڪو ٻال هو، جنهن سان راند ڪندا هجن.

هن ميلي ۾ فقط مان ئي هوس جو سوٽو موٽو ٿيو ويٺو هوس. هيءَ محنت جي ڇيڇ ڏسي رهيو هوس-

اڪيلو، اجنبي ۽ ٻي روح بڻجي. منهنجو ڪم هو ته ت...
ڏسڻ ٿي. ان ڏسڻ جا ٿي هر مهني لولن جيڏا هڪ
ڏيڍ سؤ رپيا ملندا هئا. سپروائيزر هوس-ها سپروائيزر! ڪيڏو
نه شان مان وارو عهدو هو. نه؟

ان شان مان خاطر ٿي ته آٺو ڇهو ڇڏي آيو هوس.
پاڄاڻي چيو هوم، ”ٻيڙا، ڪيترو وقت ائين ويٺو
ڪاٽيندين - وڃي ڪو پنهنجو ٻوٽو ٻار.“

مون سمجهيو، هوءَ ڏاڍيو رت آهي - انهنڪي ڇا
ڪهڪاءُ پوندو. پاڙي ڪي دانهن ڏنم - ”گهٽ ۾ گهٽ
مئٽرڪ ته پاس ڪريان، جئين ڪا شانائتي مانائتي
نوڪري ملي.“

چيائين، ”في الحال جيڪا به نوڪري ملئي، سا
وڃي ڪر. ٻو وڌي ۾ ڪو نه اهم ڪرنهي. پاڄاڻ به
ٻوٽو ٻرو ڏٺي پيئي گهر جا ٽنگ پوري. ڪيستائين
تنهنجو مئٽرڪ ناپاس ٿيڻ ۽ لکڻو وهڻ سهي سگهبو؟“

بس گهر ڇڏي آيس. جڻ گهر نه هو، فقط گاري
ڇپي جون پنيون چنيون هيون. دل ۾ چيو هوم،
”ڪنهنجي ٽڻمڻ ڇو سهجي؟“ پر هاڻي اهو ڪيئن
چوان! ڇئي ته ڪيئن سگهندس؟ جو سنو اٿم، سو مان
ٿي لٿو جاڻان، دنيا نه جاڻي ٿي.

ڪڏهن ڪڏهن ڪن عزيزن مواڏانهن اشارو ڪري
ٻاٽ پڻ پڻ ڪئي هئي، ”فلاڻي جو پٽ اٿيئي! ڇا

بدحال ڪيا اٿس!" يا "ويچاري کي، سڀئي ڀاڱا ٻه ڪڍي ڇڏيو آهي." حقارت ۽ همدرديءَ جا هي اظهار ٻڌي گهڻنائيءَ جو احساس گهٽيندو ويم. نه نه، ڪڏهن گهٽيندو هوم. هاڻي ته اهو احساس ئي نه رهيو آهي. پنهنجي مالڪن جون ٿي، مون خبر لاءِ ڪيتريون ڦٽ لعنتون سٺيون آهن ڪوڙا الزام سٺا آهن، طعنا ٽمڪا ٻڌا آهن. انهن ئي ڪنن سان. جن سان ڀاڄائيءَ ۽ ڀاءُ جا رڳو ٻه اکر به مونکي آڳ تي لڳا هئا.

هاڻي ته بس هن مشين وانگر بي اَحساس ٿي پيو آهيان، جيڪا سيمينٽ، ريتي ۽ پٿريءَ کي ملائي اهو فولاد تي ٺاهي، جنهن تي ڪيترو به بوجو اثر نه ڪندو آهي.

صبح جو سوير ڪم تي ايندو آهيان. سنجها ڌاري ويندو آهيان گهر. گهر؟ نه، هڪ هوٽل جي چنل ڪٽ. سيٺ جو هڪ سڄو ڪم ڪندو آهيان. ٻارهن مهنن ۾ هڪ ڏينهن به آرام جي اجازت ناهي. آرام معنيٰ پگهار ڪٽ. پر ڪڏهن "ڪم ناهي" چئي سيٺ زوريءَ آرام ڪرائي پگهار ڪٽي ٿي وٺندو آهي.

پوءِ به جس نه پوندو آهي. جس لاءِ ئي ته هي پراڻي جيئي ٿو. جس تي سڄو جهان به ڪنهن تي ڪٽي سگهجي ٿو. پر جس نه پوي نه پير ئي ليبي پون. گڏريل

ڇهن پنجن سالن ۾ الاجي ڪيترا مالڪ مٽايا اٿم. عجيب آهن هي مالڪ. پگهار ١٠٠، ١٥٠ رپيا ڏيندي رسيد ٢٠٠ جي وٺندا. انڪار ڪر ته نوڪري ڇٽي. ڪنهن ملازم جي بي ايمانيءَ جي، مالڪ اڳيان پٽ وائڪي ڪيم ته نه نوڪريءَ کان جواب. ڪنهنجي ڪاري ڪوجهي، منڊي ٽنڊي مائٽياڻيءَ سان لائون نه لڳم ته به نوڪري ڪاٽا. عجيب غريب مرضيون آهن هنن مالڪن جون ۽ ماڻهو چوندا آهن، ”پير ۾ ڇڇر اٿيئي ڇا، جو ڪٿي ٽڪاءُ نٿو ڪائين؟“

بس هاڻي ٽڪاءُ ڪاٿو ئي آهي. انڪري مان-ايمان جس-اُپجس کي اندر ئي اندر گهٽي ڇڏيو اٿم. مڙني پيٽ ڪٽي کي ٽڪر ڏيٺو آهي......

۽ انهن ويچارن جي وچ سير ۾ غرق هوس جو ڪنهن جي رڙ، سڄاڳ ڪيم، ”ڇٽي ڇوري، هي ڇا ڪيئه؟ بابوجيءَ جي ڪپڙن تي داغ ڪري ڇڏيئه؟“

”جاڻيءَ ٻهي نوريٽي ڪيم، نغاري لڙڪي ويئي. معاف ڪجو.“ چوندي مون ڏانهن نهاري مرڪي ڏنائين ۽ منهنجي ڪڇ، نه ڪچڙ تي هوءَ پنهنجي آڱوٺي کي لڪ تي رکي آڱريون لوڏائيندي، مزدور ڪسي چيڙائڻ لڳي. مونکان اَلاجي ڪيئن مرڪ نڪري ويئي نه هوءَ ٺهڪ ڏيڻ لڳي ۽ ٻانهون لوڏائي ڦرموٽيءَ وانگر ڦرڻ لڳي. مزدور تهائين غصي ۾ لعل ٿي ويو. ”سالي ڪم

پورو ٿئي ته توکان حساب وٺندس."

"اڙي وڃ وڃ، آيو آهي حساب وٺڻ وارو،" چوندي هوءَ هلي وئي ۽ پنيان نهاري مرڪندي وئي.

ڇا ته فلڪ هئي هن مزدورڻ جي! مان به ڪنهن وقت اهڙي فلڪ ڏيکاريندو هوس. ڀر ۾ مون چيو، "هن جي فلڪ، تو واري سڪٽي ڪبي ڪاٽهي."

مون مزدور کي چيو، "ههڙي خسيس ڳالهه تي ايڏو غصو ڪبو آهي ڇا؟"

"بابو جي، غصو نه ڪجي ته ڪم ٿي نه ٿئي. ٽڏو نڪر ماٺو ٿهي ٿو ڇا ڏسو لٿا ته هڪ ڇٽي جي غصي واري هڪل ڪيئن نه سيني مزدورن ۾ ڦڙتي آٽي پيئي ڇڏي."

اڄ هيءَ ٿئين ڳالهه ٻڌي هئم ۽ هڪ مزدور جي واتان، جنهن غصو سهي به ڏٺو هو ته ڪري به ڏٺو هو. مون غصو فقط سٺو ٿي هو ۽ جڏهن ڪيو هوم ته ڪم ٿي نه ٿيو هو. هاڻي ته پاڻ کي ٽڏو نڪر ٻٽائي ڇڏڻو هوم. انڪري هاڻي مرڪو ملبو هوم ته اهو به هٿان ڇڏي ڏنم. مون چيو، "هن ڇوڪريءَ ته ڀي خيالو تنهنجن ڪپڙن تي معمولي داغ ڪيا آهن جيڪي ڌوئي ٻه سگهجن ٿا، پر جن انسانن تنهنجي دل تي اُمٽ داغ ڪيا آهن، تنکي تو ڇا ڪيو؟ هن مهنتڻ ته وري ٻه معافي ورتي ۽ مرڪ ڏني."

هنجي مرڪ موهيو هوم، انکان ڪيئن انڪار

ڪريان؟ سچ ته اَڄ ٿي، سڄ پيٽي هٿم ته ماٺهو مرڪ لاءِ چئو مرلدا آهن. هيءَ مرڪ ڪنهن ڪير جهڙي اڇي خوبصورت ڳجر جي ٻه ٽه ڪانه هئي. مزدورڻ تي آماس جهڙي ڪاري هئي، پورن ڪاري راتڻ. هنجي ڪنن ۾ ڪوڙن ڳاڙهن هيرن جون ڦلهيون، انهن تي چمڪيون، جنهن ٻاٽ اونداهيءَ ۾ ريٻ سنگدل. فقط جڏهن مرڪيائين تڏهن اُنهي تڏهن اَڇا ڏند انهن تي نظر آيا، جنهن شوخ ڪارن ڪڪرن مان وچ وهسندي آهي. ليڪن مرڪ تي اَچاڻ، ڪارڻ جي مهر ته ٿيندي ڪالهي. ها، اُنجا انسان والگر ٻه طبقا ضرور ٿيندا آهن - مطلبي ۽ معصوم. هيلتائين ته مونکي رڳو مطلبي مرڪن جا ٿي پير مليا هئا، جن موهڻ بدران مونکي جنسي مسلي ڇڏيو هو. ليڪن هن محنتڻ جي معصوم مرڪ مونکي مهلائي ڇڏيو هو. منهنجو نظرون هنجو پيڇو ڪنديون رهيون.

هوءَ هڪ دفعو وري آئي ۽ موقعو تاڙي چيائين، "بابوجي، اُنهين نه نهاريو. ڪٿي نظر نه لڳي وڃي." هوءَ ٻيني ڪالهه، رڳو پٺ ورائي مرڪيائين. پوءِ ٻين مزدورن سان گڏ قطار ۾ ڪم ڪي ويئي ۽ ڪم ۾ مشغول ٿي ويئي. مان شرمائجي ويس. هن تان نظرون هٽائي چوگرد ڏٺم. عجب پئي لڳو ته هيڏيون پيريل لغاريون ڪٿي هي نازڪ بدن عورتون ڪيئن اچ وچ ۾ ميلن

جا ميل هلي ٿي سگهيون! اَسين ماڻهو نہ جيڪر ايڏو بوجو کڻنديئي ٻيڙڪي ٻڏون. اسين سڄو وقت پيا پنهنجو ڏيل ڏسندا آهيون......

اَچانڪ ئـي هڪ ڦرلڊڙ هار جيان، قطار مان هو مزدور جنهنکي منهنجن ڪپڙن خراب ٿـي ڀوڻ جو تاءُ ٿـي ويو، منهنجي ڀر ۾ اَچي بيٺو. چيائين، "بابوجي، ڏسڄو ويهي اسانجي محنت. هـيءَ جاء اهڙي مضبوط ٿيندي، جهڙو هو سامهون بنگلو ڏسو ٿا نہ! توهين ڇپيو ڇــو؟"

مونکان ڪل نڪري ويئي. چيم، "ڪڏاءِ ڇو؟"

"ڪلڻ جي ڳالهہ ناهي،" مزدور جو قد فخر ڪنان هڪ ٻہ اِنچ وڌيڪ اُڀو ٿي ويو، "سائين اڄڪلهہ ڪٿي ڪٿي ملاوٽي سيمنٽ ڪم ٿا آڻين. هڪڙي ٺيڪيدار ملاوٽي سيمنٽ ڪم آڻــي ڪر ڪرايو ڪڍو ۽ نڪر يڳائين اسانجي ڪم مٿان. اَصل مزدوري ڪٽي رکيائين. اسين ٻہ ڏرنـو ماري ويهي رهياسين... بس آڻ ميڻي پــيــس."

مان اَچا سندس فخر کي، جنگ ۾ سونيءَ حاصل ڪيل سپاهين جي فخر سان ڀيٽي رهيو هوس، جو هي مزدور ڏڪندو اُن هـــار جيان ڦرلڊڙ قطار ۾ شامـل ٿي ويو. عجيب آهي هـــي قطار. سندس موٽي ٽڙي پکڙي نکري وڃن ۽ ڪيڏي مهل وري ٻهنجو پاڻ ڀونجو ٿا وڃن، اِن محنت جي ڏاڳي ۾، ڪوئي اڪيلو ڪونهي، ڪوئي اَجنبي ڪونهي......

۽ مان؟......

# اِنساني جذبو

١٨ جنوري ١٩٥٦ع. اُهو عام هڙتال جو ڏينهن هو. ”دادر“ جي ٻئي نمبر پليٽفارم تي ٽرين جو انتظار پئي ڪيم. ٽرين ڪافي دير لڳائي هئي. وقت ڪاٽڻ لاءِ ”ٽرو رومانس“ (سچو عشق) مخزن پڙهي رهيو هوس. اوچتو، ”آڪاش پاتال هڪ ڪنداسين!“ ”بمبئي مهاراشٽر سان ملائينداسين!“ جي نعرن، پڙهڻ ۾ رخنو وجهي ڇڏيو. مون ڏٺو ته منهنجي ڀرسان ئي ٤٥-٥٠ ورهين جو ڪرڙوڪ ٻوڙهو ٻڍو شخص نعرا هڻي رهيو هو. هن جي ڳچيءَ ۾ هڪ پوسٽر لٽڪيل هو، جنهن ۾ سميڪت مهاراشٽر جي اڳوانن جي گرفتاريءَ ۽ بمبئيءَ متعلق هند سرڪار جي ڪيل فيصلي خلاف عام هڙتال ڪرڻ لاءِ اپيل هئي. جلد ئي اهو شخص ڊوڙ پائي ٽئين پليٽفارم تي بيٺل لوڪل ٽرين ۾ وڃي چڙهيو. هن جي پٺيان پوليس وارو ڊوڙڻ لڳو. ليڪن هن کي جهلڻ کان اڳ ٽرين هلي وئي. پوليس وارو هٿ مهٽيندو رهجي ويو.

مان ان عمر چڙهي آيل شخص جي بيباڪ شخصيت تي حيرت ۾ اڃا سوچي ئي رهيو هوس، ته پٺيان بندوق جو آواز ٻڌم. ڪن پل لاءِ بدحواس ٿي ويس. گولين کان

ڀڄڻ لاءِ ڪنهن ٿنڀي پٺيان لڪڻ جي ڪوشش ڪيم. پر جڏهن پليٽفارم تي دونهون ڇانئجڻ لڳو ۽ اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي ويئون، تڏهن سمجهيم ته پوليس ڳوڙها آڻيندڙ گئس ڪم آندي آهي. پوليس جيتوڻيڪ اسٽيشن جي ٻاهران گئس ڪم آندي، ته به ان جو اثر پليٽفارم تي بيٺل ماڻهن تي ٿيو.

نيٺ، ڏهين بجي جي ٽرين، ساڍي ڏهين بجي آئي. البت هونئن کان پيهه گهٽ هئي. روز واري گاڏي ۾ چڙهيس ته ڪيترائي سڃاتل مهانڊا ڏسڻ ۾ نه آيم. وري به شڪر هو جو ٽي مرهٽا ڪلارڪ ساٿي موجود هئا. اسين دروازي وٽ بيهي ڳالهيون ڪرڻ لڳاسين. ٽرين هلي ته مون هڪ ساٿيءَ شري ديشپانڊي کي چيڙائڻ جي لحاظ کان مشڪندي چيو، ”بمبئي تمچي ناهي، بمبئي اَمچي آهي!“

هن ڪابه ورندي نه ڏني، فقط مشڪي ڏنائين. مان پنهنجي ناڪاميابيءَ تي دل ۾ ڪجهه لڄس. اڄ ديشپانڊي هونئن کان وڌيڪ سنجيدو پئي لڳو. جيڪو انسان ڪڏهن به ڳالهائڻ جو موقعو هٿان نه وڃائيندو هو، سو اڄ چيڙڻ تي به سن ۾ ڪيئن ٿي رهي سگهيو! هن جي ماٺ مون کي بيچين ڪرڻ لڳي.

مون وري به مذاقي نوع ۾ چيو، ”ڇاهي ڀائي، دنيا جي چونڪاري جو سڄو بار پاڻ تي اڪيلي سر

ڪٽيندين ڇا؟ يار، مڪار ڦلڊ مان ڪي ٻه اکر ته ٻول!"

هن وري به جواب ڪونه ڏنو. ليڪن مون کي جڻ جواب ملي ٿي ويو. اچانڪ ٻه چار پٿر زور سان اچي لڳا. هڪ منهنجيءَ ٻانهن تي، ۽ ٻيو ڊيشپانڊي کي لڳو. پٿر ڪافي وزندار ۽ ڇهبدار هئڻ ڪري منهنجيءَ ٻانهن مان رت وهڻ لڳو.

سڄي گاڏي ۾ رڙورڙ مچي وئي. "ڪڙڪي بند ڪرو... غنڊي پٿر ڦينڪتي هين... يي موالي لوگون ڪا ڪام هي!" سيني پاسن کان دريون بند ٿي ويون. ٽرين ۾ ڪي منٽ ته موت جهڙو سناٽو ڇانئجي ويو. ان وقت ٽرين دادر ۽ ايلفنسٽن روڊ جي وچ ۾ هلي رهي هئي. ايلفنسٽن اسٽيشن آئي. پليٽفارم تي حشام ماڻهن جا ميڙا هئا، پر ٽرين ۾ ڪو اڪڙ ٻيڪڙ چڙهيو.

"غنڊن" جي پٿربازيءَ اسان ٻنهي دوستن جي رڳن ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو. مون جوش مان ڊيشپانڊي جي ٻانهن جهلي چيو، "ڇا، ههڙي غنڊاگيري ڪري توهين بمبئي وٺڻ ٿا چاهيو؟"

هن ايڏو ته زوردار ٽهڪ ڏنو جو اوسي پاسي ويٺل ڪي مسافر ته ڇرڪي ويا. هوءَ پنهنجي ٻانهن زور سان ڇڏائيندي چيائين، "غنڊا ڪير آهن. آهي، جيڪي لاٺي جي زور تي ٻين جو حق ڦٻائڻ ٿا چاهين يا

جيڪي پنهنجي حق لاءِ نه ٿا لڙن؟"

"ٻين سان حق لاءِ لڙبو آهي؟"

"جڏهن اڳوالن کي ڇوڙن وارگي ڪيئي ناحق جيل ۾ موڪليو ٿو وڃي، صلح پسند مظاهرن تي بندشون وڌيون ٿيون وڃن، تڏهن ماڻهو ڇا ڪندا؟ تو خود ٻڌايو هو ته ١٩٤٢ع واريءَ هلچل ۾ انگريز سرڪار جي ڪاروبار ۾ رنڊڪ وجهڻ لاءِ توهان بسن، ٽريڻن وغيره تي پٿر اڇليا هئا..."

مون هن کي وچ ۾ ڪٽي چيو، "انگريز ڌاريا هئا، هيءَ سرڪار پنهنجي آهي."

"برابر. ليڪن انگريز ظالم هئا، هيءَ سرڪار به ظالم آهي. ظالم کي ڪڏهن به پنهنجو نه سمجهبو آهي."

۽ پوءِ پنهنجي مڪ ڏيکاريندي چيائين، "ظالم سرڪار فقط اهائي ٻولي سمجهندي آهي."

مون کن رکي چيو، "تون ڪيئن ٿو چوين ته لاٺي جي زور تي اوهان جو حق ڦٻايو ويو آهي؟"

"جڏهن وزير اعظم قبول ڪري ٿو ته بمبئيءَ تي مهاراشٽر جو حق آهي، ته پوءِ اها ڇو لٽي ان سان گڏي وڃي؟ مطلب ڇا آهي ته ائين ڪرڻ سان گجراتي سرمايدار جيڪي ڪانگريس کي ۽ سرڪار کي پيسي جي مدد رهيا آهن، تنهن کان ٻاهري واريندا. تون ٻري نه وڃ، هن ٽرين ۾ ويٺل گجراتين کان

ٻڌيون هيون، تڏهن ديش پانڊي لاءِ چيو، ”سالو ڪو ڪميونسٽ هو!“

جڏهن ٽرين هلي، تڏهن اسان ڏٺو ته پوليس پٽن تي بيٺل ماڻهن کي جهلي بيٺي هئي، ۽ ديش پانڊي ماڻهن کي هٿ لوڏيندي وداع ڪري رهيو هو.

ڪجهه وقت ته اسان جي وچ ۾ ڪابه ڳالهه ٻولهه ڪانه هلي. منهنجي ڪن ۾ ديش پانڊي جا پڇاڙيءَ وارا لفظ ٻري رهيا هئا. ”هي مٺ جيترا سرمائيدار ئي آهن، جن پنهنجي نفعي خاطر سنڌي هندن ۽ مسلمانن کي ويڙهايو، ۽ جيڪي اڄ عام گجراتين ۽ مرهٽن کي ويڙهائي رهيا آهن.“

آخر منهنجي ٻئي دوست، شري لڌڪرنيءَ، ماٺ کي ٽوڙيندي چيو، ”ڪيئن سائين، پٽن تي ويٺل غنڊن ۽ موالين جو درشن ڪيو؟“

هن جي ٽوڪ منهنجيءَ دل ۾ تير وانگر چڀي ويئي. ٽرين جي پٽن تي ويٺل سڀ سفيد پوش هئا، جن مان ڪي ته سوٽيڊ بوٽيڊ نوجوان هئا. آءٌ شرم کان جهڪي پاڻي پاڻي ٿي ويس. ڳالهه کي بدلائيندي چيم: ”دوست، مان اوهان وانگر نهرو مائينڊيڊ (تنگدل) نه آهيان؛ مان ڪاسماپاليٽن (سرو ديشي) خيالن جو آهيان.“

ايٽري ۾ ٽرين اچي ويئي. اڳين گاڏي ۾ سميڪت

مهاراشٽر جي حمايت زنجير ڇڪي هٽي.

اسان جي ٽئين دوست، شري پاٽل، منهنجن خيالن جي تائيد ڪئي. لڏڪرنيءَ جوش مان منهنجي هٿ مان ”ٽرو رومانس“ آميريڪن مخزن کسي، هڪ ننگي استريءَ جي تصوير ڏانهن اشارو ڪري چيو: ”تنهنجي ڪاسماپاليٽنزم ٽوڪي اهائي سکيا ٿي ڏئي ته تون پنهنجي ٻولي، ساهت، ڪلچر ۽ جنم ڀوميءَ کي وساري هن ننگي تصوير وانگر پالهو ٿي پئُ، ۽ هڪ مردو بڻجي پئُ، جنهن کي ڪو به نالو نيشان نه ڏيندو آهي!“

هن پنهنجي لهجي کي سنجيدو بڻائيندي چيو: ”ٽوڪي اسان جي ڪاٽي ۾ نوڪري ڪندي ٻه- ايڪاٽي سال ٿيا آهن. ان عرصي ۾ مون مشڪل سان تنهنجي هٿ ۾ ڪو سنڌي ڪتاب يا مخزن ڏٺي آهي. ها، تنهنجي هٿ ۾ ’ٽرو رومانس‘، ’گاليا‘، ’ريبرس ڊائجسٽ‘ وغيره آمريڪي مخزنون ضرور ڏٺيون اٿم. ۽ تون فخر سان چوندو آهين ته ٽوڪي سنڌي ڪتاب ۽ مخزنون نه وڻنديون آهن. هن کان وڌيڪ گراوٽ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ پنهنجي ٻوليءَ، ساهت، ڪلچر ۽ جنم ڀوميءَ کي پيار ڪرڻ ۽ انهن جي حفاظت لاءِ لڙڻ، دوست، تنگدلي ناهي، بلڪ اهو انساني جذبو آهي، جنهن کي ڪچلي نٿو سگهجي.

معاف ڪجو، مسٽر منسڪاڻي، جنهن وٽ اهو جذبو ناهي، سو... زنده لاش آهي!“

ٽرين مهالڪشميءَ تي پهتي ته ندڪرنيءَ چيو، ”مون کي هيڊ آفيس وڃڻ تي دل لڳي ٿي، مان واپس وڃان ٿو.“ ائين چئي هو لهي ويو. منهنجي ٽئين دوست پاٽل کي خالي جڳهه ملي ويئي ته اُتي وڃي ويٺو.

ٽرين هلڻ لڳي. منهنجي اندر ۾ آنڌ مانڌ هئي. دماغ ۾ جنسي ڀونڪمپ مثل هو. ديشپانڊي ۽ ندڪرنيءَ جي ڳالهين ۽ ڪارنامن منهنجن خيالن کي پاڙن کان وٺي ڌوڏي ڇڏيو. هر گهڙيءَ ندڪرنيءَ جا پويان لفظ ياد اچڻ لڳا: ”پنهنجي ٻوليءَ، ساهت، ڪلچر ۽ جنم ڀوميءَ کي پيار ڪرڻ ۽ انهن جي حفاظت لاءِ لڙڻ انساني جذبو آهي... جنهن وٽ اهو جذبو ناهي، سو زنده لاش آهي!“ منهنجي دل ۾ پنهنجي ٻوليءَ، ساهت، ڪلچر ۽ جنم ڀوميءَ جي محبت جو سميل جذبو جاڳي اٿيو. مون ٽرين جو دروازو کولي ڇڏيو. منهنجون اکيون دور دور ڪن وڃايل چيزن کي ڳولڻ لڳيون. سنڌڙيءَ جي ڳوٺن کي، شاداب کيتن کي، درياهه شاهه کي، ڏڙن ۽ پٽن کي، اُٺن ۽ جتن کي، جهرڪين ۽ ڪونجن کي، منگهن ۽ ڪڏن کي، ۽ سڀ کان وڌيڪ حيدرآباد کي، اُن جي انهيءَ گهٽيءَ جي اُنهيءَ اباڻي

ڇني کي، جنهن ۾ مان رهندو هوس، جنهن جي پرسان هاشم ڪٽي رهندو هو، جيڪو پيار مان مون کي ”ٻادل“ ڪري ڪوٺيندو هو، ۽ جنهن جي شفقت ڀري ۽ هنج ۾ نامعلوم مون ڪيترا سال گذاريا هئا... اهڙي سيني شين کي زندهه ڏسڻ لاءِ منهنجي دل ترڪي اٿي.

هاشم ڪٽيءَ جي يادگيري ايندي، منهنجي سامهون سنڌ ۾ رهيل آخرين رات جو نظارو تري آيو. ١٩٤٨ جي سياري جا ڏينهن هئا. نماشام جي وقت هاشم ٽڙ ٽان ڪپڙا ڌوئي موٽيو هو. سهڪندو سهڪندو سرڳي ٻابي کي ڪن ۾ اچي چيائين، ”ديوان، اڄ رات جو هن محلي تي مسلم پناهگيرن جو حملو ٿيڻو آهي!“ ٻابي ان وقت تي سڄي پاڙي ۾ رهيل باقي هندن ۽ مسلمانن کي ميڙي محلي جي بچاءَ جو بندوبست ڪيو. حملو نه ٿي ويو، ليڪن ٻابي جي دل ٽٽي پيئي. ٻئي ڏينهن تي وطن جا وڻ ڇڏياسين. اسان کي پوءِ خبر پيئي ته حملي ۾ ڪن مسلم زميندارن جو پڻ هٿ هو.

هاشم ٻابي کي گهٽي ٽي چيو، ”پاڙي ۾ اُبو-اما ٿي وينا آهيون، جيستائين اسان جو سر سلامت آهي تيستائين اوهان جو وار به ونگو نه ٿيندو“، ليڪن ٻاٻي روئي ڏنو، ۽ سنڌس زبان مان شاهه لطيف جون بيت ڪون مس اُڪلي سگهيون:

”آدمين اخلاص، مٿائي ماٺو ڪيو،
ڪوله ڪائي ڪڍهين، سنڌو ماٺهن ماس!“

هاشم روئي ڪٽي رڇ پر يا. ان وقت هاشم ۽ اسان جي ڪٽنب مان اهڙو ڪو به پاڻي نه هو، جنهن هنجون نه هاريون......

نرين چرچگيٽ تي پهتي. مهمجي ڪلپنا ننڍي پيئي. واچ ۾ ڏنم ته ٻارهن لڳا هئا. سنڌڙيءَ ڪي سارينديءَ، مهمجو هينئون پرجي آيو ۽ اندر ۾ پيڙا محسوس ڪيم. اڄ اهڙي ئي پيڙا غصي جي روپ ۾ مرهنن جي اکين مان ظاهر ٿي رهي هئي، جن ڪان سنڌ ن وطن جو نڪر ڪسيو ئي ويو. مون ائين محسوس ڪيو ته سامهون ديشڀانديءَ نمڪرلي مون ڪي ٻار ڏانهن سڏي رهيا آهن. آءٌ سامهون تيار بيٺل ”الذيريءَ“ جي نرين ڏانهن وڃڻ لڳس ته ٻانل چيو، ”اڙي ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

”اڄ آفيس نه هلندس!“ ائين چوندي، آءٌ وڃي نرين ۾ ويٺس.

# سفيد چادر، سهميل سڏ ڪا

بمبئيءَ ۾ مسواڙ تي جاءِ لاٽي سان نه پر ڏاٽي سان ملندي آهي. سو مونکي به جڏهن مهدن جا مهنا جتيين گسائڻ بعد ٻه پڳڙيءَ جڳهه ملڻ لڳي، تڏهن آئين پيو سمجهان ته جڻ قارون جو خزانو مليو اٿم، جنهنکي ڏيهه کان لڪائي وڃي پنهنجي آشا راڻيءَ کي ڏيکاريان. هوءَ بدتميز ڀاروهي چوي، "دل هجيئي ته جيڪر ڪلياڻ ڪئمپ جهڙي ڪنهن نرڳ ۾ نبيون نه ڏيارين!" انڪري بمبئيءَ جي وچهي پسگردائيءَ ۾ ۷۵ رپين مسواڙ تي هڪ روم وارو بلاڪ حاصل ڪري، ڪئن نه خوش ٿيندس!

آچر جي ڏينهن پنهنجي شريمتي کي وٺي اچي نئون گهر وسايم. گهر جي چند ڦوڪ ۽ ٺاهه ٺوهه مان واندي ٿي، منهنجي شريمتي ٽئين ماڙي جو سڌ سماءُ لهڻ نڪتي. مان اخبار پڙهڻ لڳس. اڃا اڌ ڪلاڪ به ڪونه گذريو، جو هوءَ سهڪندي سهڪندي موٽي آئي ۽ ٻلي کي هٿ ڏيئي اچي ويهي رهي. اخبار رکي پڇيومانس، "ڇا ٿيو آهي آشا؟"

هيٺئين سڌس ڪري، ڪجهه ڪاوڙ ۾ بدلي ويو. لڙڪ ۾ گهنج وجهي چيائين، "جڳهه ٿي ورتو ته ماڙي وڃي

مان ٻچا ڳاڇا ته ڪريو ها."

مون ڏيرج سان چيو، "هتي جڳهين لاءِ هٿ ڪس لڳي پيئي آهي، سو ٻين کي ڪيئن ٻڌائيو. تون ٻـ چوين ته ڪيهي نرڳه مان ڪيو."

"مان ته چوان حق ٿي ٻنا ٻڪڙي جڳهه ملي آهي!"

"پر ته آهي ڇا؟ ڪجهه ٻڌائيندين ته، ڪين ڇوهه ڇنڊيندي رهندين؟"

"ٻڌايان وري ڇـا؟ جڳهه ته پوُت واري وني ڏني آئو نه؟"

مونکان ٽهڪ نڪري ويو. "سو انهيءَ ڳالهه تـي مٿي آهين." ڪـن وت وات آٽي چيومانس، "ڇري هيءَ ٽنڊو باگو ناهي، ٻمبئي اٿيئي، ٻمبئي."

آشا ٻاقي ته گرم ٿي وئي- "وهان کي ته هر ڳالهه ۾ ٻيئي مسخري سجهي."

"ٽـون ڳالهيون جو شيخ چليءَ واريون ڪندين ته مسخري نه سجهي؟ ڀلا هھڙي لٽبين نڪوري جڳهه ۾ پوت ڪٿان آيو؟"

"ڇون ٿـا اهو پوت هر آرتوار جي رات جو اڇي اڇـي چادر اوڍي، اسانجي دريءَ سامهون ٻـيهي ٿهاريندو آهـي، انجي ڇاڪا گهرجي ٻاتين جي وچم، اٿبٽت پـيدا ڪندي آهي. الڪري ٿي اڳيان مسواڙي جڳهه ڇڏي ويا."

”اڙي لوڪي پنيلانٽ لاءِ اِئين ڇيو هونداٿون. مرضي هوندن جٿن ڪين جڳهه ملي.“

”ڪين جڳهه وٺي هجي ها ته نه وٺي سگهن ها؟ ٽي چار مهنا ته جڳهه خالي پيئي هئي. ههڙي جاءِ ڪا نه وري ٻه ڪئمپ سٽي. هاڻي اُلاجي ڇا ٿيندو؟“

”ڇا وري ڇا ٿيندو، هاڻي ڪئمپ ۾ ٽورو ٽي موٽي هلبو. سس نهر جيڪي اُتي جهامو نيڀوُن ٻاٽيندڙيون آهيو، ڪئمپ جي نل تي جيڪا ماراماري ٿيندي آهي، ڪاڪوس لاءِ جيڪا ”ڪيوُ“ لڳائڻي پوندي آهي - سڀ ڳالهيون وسري ويئه ڇا؟ هتي نئين جڳهه ۾ پوس آيو ڪٿان؟ اڃا جڳهه کي ڇهيئي سال به ڪونه ٿيو آهي. ههڙي مهڙ مٿي، ٻيا پڳڙيءَ جي جڳهه وري ملندي ٻه ڇا! ڪجهه ڪونه ٿيندو. ٻپ نه ڪر. پوس هجي ڪٿي پوت جو بابو هجي، اُسانجي وچ اڻبڻت پيدا ڪري نه سگهندو.“

جٿن ٽنن ڪري اُشا ڪي پريالي ننڊ ڪرايم. مان هونءَ ته گهڻو ٽي بهادر آهيان، پر نٿون ٻاڙو، نئين جاءِ ۾ تنهن سان گڏ آشا جي ڏڪ ڦر منهنجي دل سسائي ڇڏي. بدن ٽڪل هوندي ٻه آڌي رات سوڙ و لنب نه آئي. اُچانڪ دريءَ وٽ ڪنهنجو پاڇو نظر آيو. منهنجا روم روم ڪرڙا ٿي ويا. پلا هيڏي مهل ڇورن ۾ پوتن ڪانسوءِ ٻيو ڪير ٿي سگهيو! پاڇو رڙهي دريءَ

سامهون اُچي چادر ۾ ويڙهيل پوت تي ٻيٺو. منهنجا
ته هٿ پير ٺري ويا. هڪوار اُلي ناٿيت لئمپ جي
وسامڻ جو ويچار آيم، پر ائين ڪرڻ جي همت ئي نه
ٿيم. اينري ۾ آواز آيو، تون اچي ويٺن. مان چڙوٻائي تي اچان.
ٽلڪ ڏيئي تي اچان." ۽ پوءِ پوت غائب ٿي ويو. مون،
جو ريگون سيٽي هي اکر ٻڌا، سو سڄو بدن پگهر ۾ شل
ٿي ويو. ڪجهه وقت ائين ئي پيو رهيس. اڌ ڪلاڪ
ڪن گذري ويو. سمجهيم ته پوت وري نه ايندو. همت
ٻڌي اُٿــي ڪڙو ٿيس. دروازو کولي ليٽو پائي هيڏانهن
هوڏانهن نهاريم. پنهنجي ساڄي پاسي کان ڪنهن کي
پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺم.

اڳيان اچڻ تي هنجي صورت صاف ڏسڻ ۾ آئي.
مان دنگ رهجي ويس، جــڏهن ڏٺم ته اها صورت
ڪنهن استريءَ جي هئي. رات جي اونداهيءَ ۾ بـــ
هنجي مرڪ مونکان لڪي نه سگهي. ويجهو اچي
چيائين، "اچ نه..." مان ڇرڪي ڪجهه پٺتي هٽيس ته
هوءَ وري مـون طرف وڌي. منهنجي منهن ۾ گهوري
نهاري چيائين، "نــه، ات تون ساڳيو ناهين..." ساڳئي
وقت هوءَ پٺتي هٽڻ لڳي ۽ يڪدم لڪڙو تڪڙو جنهن
طرف کان آئي هئي، اُن طرف گم ٿي ويئي.

مون در بند ڪري ڇڏيو. ڪجهه وقت تـــ ائين
سمجهيم تـــ شايد ڪو خواب لهي رهيو هوس. لديي

هوندي جنن پوڙن جي ڪيترين ڳالهين بڌيون هيم، پر ڪڏهن به ههڙو دڙشيه نه ڏٺو هوم. مان سمجهي نه سگهيس ته ڇا هوءَ سچ پچ پوڙ هئي، يا زنده انسان. هو ”ساڳيو“ شخص ڪير آهي؟ منهنجي ڪنن ۾ پوڙ جا لفظ پوڻ لڳا، ”مان ڇڙو ٻائي ئي اچان، تلڪ ڏيڻ ئي اچان.“ ساڳئي وقت پنهنجي شريمتي جا اکر پڻ ياد آيا، ”پوڙ گهر جي پالين جي وچ اڻبڻت پيدا ڪندو آهي.“ مون جيترو ئي انهن لفظن لاءِ ٿي سوچيو، اوترو ئي راز وڌيڪ ڳوڙهو ٿي لڳم. جڏهن دماغ وڌيڪ سوچڻ کان پڙ ڪري بيٺو، تڏهن ننڊ ڪجي ويم.

صبح جو آشا جاڳائيندي چيو، ”اسان جا پٽ چڙهي ويا آهن، اڃا ڪيڏي مهل اٿندا؟ آفيس ۾ دير ٿي ويندو.“

مون ٽڪ جو ٻهانو ڏيندي چيو، اڄ آفيس نه ويندس.“ سچ ته جڳهه بدلائڻ جي ٽڪ کان وڌيڪ رات واري پوڙ جو خيال آيو هوم، جنهن کان آشا کي واقف ڪرڻ واجب نه سمجهيم. اوسي پاسي مان انجي جاچ ڪرڻ لاءِ، ٽڪ جو سنو ٻهانو سجهي آيم. ضروري هاج لاهي پر واري گهر ۾ هليو ويس. پاسي وارو به ڪو ڇڙو ڇانڊو هو. ڏاڍو آدرياءَ ڪيائين. هنجو نالو اگروال هو. هو اخبار نويس هو. دنيا جي خبرچار ڏيڻ لڳو.

ڪنڌي ڪنڌي مان پنهنجي مطلب جي ڳالهه تي آيس. مون چيو، ”چون ٿا ته اسانجي جڳهه ۾ ڀوت آهي.“

”ڀوت؟ توکي ڪنهن چيو.“

”مون خود ڏٺو آهي.“

”ڪڏهن؟“

”ڪلهه رات جو.“

”سچ؟“

”سچ.“

مون هنکي پنهنجي ڳالهه تـــي وشواس ڏيارڻ لاءِ رات واري گهٽنا جو سربستو احوال ٻڌايو. هـو مشڪي اٿي کڙو ٿيو ۽ مونکي پنهنجي پٺيان اچڻ جـــو اشارو ڪري جڳهه جـي ساڄي پاسي هلڻ لڳو. ڪنڊ واري بلاڪ وٽان لنگهڻ مهل هنجا پير ٻه ٽي گهڙيون ترسيا، پر هو بيٺو ڪونه. اسين جڏهن اڳيرو نڪري وياسين تڏهن هن پڇيو، ڏٺئي؟“

”ڇا؟“ مان ڪجهه منجهي پيس.

”ڀوت، ٻيو ڪير.“ هن مرڪندي وراڻيو.

”هيڏي مهل ڀوت ڪٿان آيو؟“

”مونئي هل ته ڏيکاريانءِ ڪنڊ واري گهر ۾ ڇتائي ڏسج.“

جڏهـن وري اسين اُن گهر وٽـان لنگهي وياسين، تڏهن هن پڇيو، ”هاڻي ته ڏٺئه نه؟“

"ها! ٻيلي هوءَ لڳي ته رات واري عورت ٿي،" مون چيو.

"هيءَ ٿي ڀوت اهڙي."

"ليڪن هيءَ ته جيئرو جاڳندو انسان آهي."

اگروال پنهنجي گهر وٺي هليو. هن چيو، "يار ٿي، هتي جيترا انسان به ڀوت بڻجو پون."

"سو وري ڪيئن؟"

"تون سمجهين ٿو ته هنجي عمر گهڻي هوندي؟" هن پڇيو.

"٤٠ سال کن ته واهه جي ٿيندس."

"پر اهڙي وچاري ٣٠ سالن جي به ڪانه. هنڪي شادي ڪئي ١٠–١٢ سال مس ٿيا هوندا. پتيءَ جي جيئري ئي هوءَ وڌوا بڻجي پيئي آهي. هنجو مڙس ٻيءَ استريءَ سان شادي ڪري ويٺو آهي. اُن ڏينهن کان وٺي هوءَ اوُسانجي رهي آهي."

"مگر رات جو اڇي چادر اوڍي، ڪنهن کي ٿي ڊيڄارڻ نڪري؟" مون پڇيو.

هن چيو، "هوءَ وچاري ڇا ڊيڄاريندي. هوءَ ته خود لوڪ کان ڊڄندي رهي ٿي. تڏهن رات جو ڀوت بڻجي ڪنهن چيز جي تلاش ۾ نڪري ٿي. رات جو نائيٽ ڊيوٽيءَ تان موٽڻ وقت هن ڀوت جا گهٽيئي رنگ ڏسڻ جو وجهه مليو اٿم. هڪ ڀيري ڏٺم ته هوءَ سفيد چادر

وڙهي، تنهنجي گهر جي دريءَ وٽ بيهي اندر نهاري
رهي هئي. جلد ئي دروازو کليو ۽ ٽوڪسان اڳير ويٺل
مسواڙي ٻاهر نڪري آيو. منهنجي حيرت جي حد ئي
نه رهي جڏهن هوءَ کيس هٿ کان وٺي، پنهنجي گهر
وٺي ويئي. بس ٿورن ڏينهن کانپوءِ هن مسواڙيءَ جي
ماءُ هلائي ڇڏيو ته جڳهه ۾ ڀوت آهي. سندس پٽ ٻه
ڪو اُستاد هو، جنهن ماءُ کي رڌ قد ته ڪونه ڏٺو، پاڻ
ڇپائيندس برابر ڀوت آهي، جو مولڪي آرتوار رات جو
وٺي ويندو آهي ۽ مان پاڻ تان ضابطو وڃائي ويهندو
آهيان. ماڻس کا هن کان ٻه آفلاطون هئي، تنهن وري
پير ئي لپائي ڪنيس. آخر جڳهه ئي ڇڏي ويا.

ڪجهه ڏينهن ٿيا ته منهنجو ٻه هـن عورت سان
مڪاميلو ٿيو. مان نائيٽ ڊيوٽيءَ تان موٽندي، هنجي در
وٽان لنگهي رهيو هوس ته هن مولڪي هٿ کـان وٺي
هندستانيءَ ۾ چيو، ”اچ.“ مان هٿ ڇڏائي اڳتي هلي
هليس لڳس. اڃا پنج ڇهه وکون مس کنيم جو هنجي
سهميل سڏڪن جو آواز ٻڌم. منهنجا پير ازخود موٽي
آيا. هن وٽ اندر ويس. هوءَ پنهنجين ٻانهن ۾ منهن
لڪائي روئي رهي هئي. هنجي رودن منهنجي دل ۾
هن لاءِ همدردي پيدا ڪئي. مون پڇيومانس، ”ڀيڻ،
تون روئين ڇو ٿي؟“

هن منهنجي همدرديءَ لي ڇتر ڪندي، ٽنل قتل

هندستانيءَ ۾ چيو، ”ڀائـــي صاحب، مونکي انهنجي همدرديءَ جي ڪا گهرج ڪانهي. مان پيار جي اڪي آهيان، تون هليو وڃ.“ مان هن وٽ وڌيڪ ترسي نه سگهيس، واپس هليو آيـس. البت هن جي بيوسي منهنجي دل ۾ چڀي ويئي، جا اڄ ڏينهن تائين ڪڏهن ڪڏهن بيآرام ڪري ڇڏيندي آهي.

اخبار نويس جي ڪهاڻيءَ مونکي به بي آرام ڪري ڇڏيو. مان موٽي پنهنجي گهر آيس. آشا کـــي پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌايم. هــوءَ منهنجو همدردانو رخ ڏسي، مون ۾ سوڙهي پائي چوڻ لڳي، ”پراڻي زال لاءِ هڏ تو ڪريو.“

مون هن جي ڳل تي هلڪي ٺونٺ هڻي چيو، ”ڏس وري گاريون تي ڏين نه.“

وقت گذرندي ويرم لڳي ٿي. مون وري اهو پوٽ نه ڏٺو. لڪو ڪو وري عورت ٿي ٻاهر ڏسڻ ۾ آئـي. ٻڌندو هوس ته هوءَ سڄو وقت ڇڳن پٽين اندر ٿي ليٽي آهي. آهستي آهستي منهنجي دماغ جي پٽيءَ تـــان هن جي يادگيري به ميسارجي ويئي.

اچانڪ هڪ ڏينهن شام جو آفيس مان موٽڻ وقت هن جي گهر وٽ ٻارن جو گــوڙ ٻڌل ڏٺم. اڳيان وڌي وڃي ڏٺم ته هوءَ ننڍو ٽائيم پيس هٿ ۾ کڻي دروٽ بيٺي هئي. گهر ۾ سڀ ٽپڙ اونڌا ٿيا پيا هئس. هن جي

بدن تي صرف سفيد چادر پيئي هئي، جا به ڪـــن هنڌان ڦاٽل هئي. سندس بدن آلو هو ۽ وار جهنڊولا پئي لڳس. ٻار چئي رهيا هئا ته سڄو ڏينهن سنان ڪيو اٿس. هوءَ پٽ پٽ ڪري رهي هئي. گهڙيال کي به پڇي رهي هئي. گهڙيال به ڪو اهڙو نامراد هو جو ٻاٽل خراب تي وڄڻ ڪانئوءَ به ٽڪ ٽڪ ڪري رهيو هو. هن مون ڏانهن شوڪي نهاريو ۽ ٻڙ ٻڙايو، "مان ڇڙو پاڻي اڇان." ۽ پوءِ وڏو ٽهڪ ڏنائين.

مان اُتي وڌيڪ وقت ويهي نه سگهيس، ٽڪڙو ٽڪڙو گهر موٽي آيس. پنيان گهڙيال جي ڪرڻ ۽ دروازي بند ٿيڻ جو آواز ٻڌم. ساڳئي وقت ٻارن جو جهنب چئي رهيو هو، "او چري... او چري!"

# راجا

مان جڏهن پهرئين ڏينهن سرڪاري نوڪريءَ لاءِ چڙهيس تڏهن جڏهن هڪ ٻئي شخص ڪيڪاري منهنجي آجيان ڪئي، سو هو اسانجو مرحوم پٽيوالو راجا. راجا جي ڪيڪارڻ جو مطلب پوءِ سمجهه ۾ آيو، جڏهن هڪ ڏينهن هو پنهنجي موڪل جي درخواست کڻي آيو. ڳالهين ڪندي بي تڪلف ٿي ويو، ۽ پڇيائين، "سنڌي بابو، توهين شادي نه ڪيل هوندا."

"ها."

"اولاد به نه هوندو؟"

"ها، هڪ پٽ، ڇو...؟"

"ائين ٿي،" چئي راجا ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر زور ڪرڻ تي مشڪي ورائيائين، "توهانجي جڳهه تي جيڪو ڪلارڪ هو، سو ٽيهن سالن جو هو نه به شادي نه ڪئي هئائين. جڏهن اڳئين دفعي پنهنجي زال جي بيماريءَ ڪري موڪل جي درخواست کڻي ويو مانس ته ڏاڍو رلايائين. شادي ڪيل هجي ها ته ائين نه ڪري ها."

"سو توکي مون مان به اهو ٿي ڊپ هو؟"

"ها."

"دلجاءِ ڪرائين نه ٿيندو،" مون کلندي خاطري ڏني مانس. ڳالهه جو سلسلو بدلائيندي پڇيو مانس، "توکي گهڻا ٻار آهن؟"

"ٻه."

"عمر گهڻي اٿيئي؟"

"٢١ ورهيه."

"ڪافي ننڍي عمر ۾ شادي ڪئي اٿيئي،" مون عجب مان پڇيو.

"تڏهن ڇا، سنڌي بابو، اسين ناسو لوڪن وانگر جوانيءَ کي ترقائي ترقائي پوءِ شادي نه ڪندا آهيون..."

راجا ته ويو هليو، ليڪن هنجي صداقت ۽ معصوميت سان ٽمٽار گفتگو مون وٽ رهجي ويئي. جڏهن هنجي موڪل منظور ٿي، تڏهن شڪرادائي ظاهر ڪندي چياءِ، "توهين ڏاڍا سنا ماڻهو آهيو. اڳيون ڪلارڪ هجي ها نه موڪل نامنظور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ها."

"ڇو؟" مون حيرت وچان سوال ڪيو.

"هڪ ڀيري مون، هنجو ۽ ٻئي ڪلارڪ جو شخصي ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيومان تہ مان توهانجو نه، پر سرڪار جو نوڪر آهيان. توهين به مون وانگر اُنجا نوڪر آهيو. بس پوءِ نه آڪي جهلي ٻانهي وٺي واري ڪار ڪئي اٿن."

"پر تون نه نيڪ چين. هو ته تو وانگر پڳهاردار نوڪر آهن. نوڪر مڙيئي نوڪر."

ڙاجا ٺهڪ ڏيندي چيو، "واهه، نوڪر مڙيئي نوڪر." اليئي يڪدم گنڀير ٿي چيائين، "سنڌي بابو، ڏسجو ڪٿي توهان تي به نه هن جو رنگ لڳي وڃي. جنهن پيوري ڪيمٽي جي چوڌاري ڦري ڦري ان کي نيٺ پيوري بڻائي ڇڏيندي آهي، ليڪن هي سرڪاري بي جان ڪالو به انسان کي فائيلن جي چڪر ۾ گهيڙي گهيڙي آخر بي احساس ڪري ڇڏيندو آهي. سنڌي بابو، توهين نه بدلجو."

"دل دکيءَ ۾ رکي، تنهنجو سنڌي بابو نه بدلبو."

ڙاجا ٿي "ڙاجا" نالو ڪيئن پيو سا خبر نه اٿم. ليڪن هو سچ پچ بي پرواهه بادشاهه - جرئيت پريو پٽيوالو هو. تيز فهم ۽ هڪڙوئي هو. نه صرف ڪنهن جي حضوري نه ڪندو هو، پر ڪڙي ۾ ڪڙي صاف گوئي ڪرڻ کان به نه هٻڪندو هو. انڪري سيٺي جي اک ۾ ٿي پيو هو. آفيسرن هن مان پاهر وٺي طرح هڪ له بي وڌ ڪيئي ڪيس پڪو له ڪيو هو. ان هوندي به هو صاف گوئي جي عادت کان باز نه آيو هو.

مهنجي نوڪريءَ جو هڪ سال سک سان پورو ٿيو. ان عرصي اندر مهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي پردا

لٿا ۽ چڙهيا. اسين ٽن مان چار ٿياسين. چوندا آهن ته هر ڪو ٻار پاڻ سان پنهنجو نصيب کڻي ايندو آهي. پر اسان وٽ هو نصيب ته نه کڻي آيو الٽو ڇانٽيءَ (تخفيف) جي مصيبت کڻي آيو. چوگرد سرڪار آفيسن ۾ تخفيف ڪري پنهنجي ڪنلائپ کي ڇٽيون لڳائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. وڏن آفيسرن کي گهرائي ملازمن کي ڏهه ڏهه سال وهاري وڌيڪ ڪم وٺڻ لاءِ دٻائڻ لڳا ۽ آفيسر وري ملازمن کي تخفيف جو ڊپ ڏيئي وڌيڪ ڪم وٺڻ لڳا. جهونا جهونا ڪلارڪ ۽ آفيسرن ڪان ڪرڙي وانگر ڏڪڻ لڳا. مان ته نئون ڪلارڪ هوس. بي-اي پاس ڪرڻ بعد ۾ الاجي ڪيترو ڀٽڪڻ بعد اها ڪلارڪي مليم. سو تخفيف جي لٽڪندڙ تلوار منهنجي ڪلا ڪايا ئي ڪيڏي ڇڏي. آفيسرن جي مسڪا پاليسي شروع ڪيم. ڏينهن رات پاڻ کي نوڪريءَ تي سلامت رکڻ لاءِ گهاٽ گهڙڻ لڳس. جنهن وقت پنهنجي ننڍڙي ابهم جا چپ کير جون ٻوندون چٽيندا ياد ايندا هئم، تڏهن ڄڻ ساري بدن ۾ نئون جوش ڀرجي ويندو هوم ۽ دير دير سان آفيس ۾ ويهي ڪم ڪندو هوس.

هڪ ڏينهن راجا موڪل جي درخواست هٿ ۾ کڻي اچي چيو، ”دوست هيءَ موڪل ته منظور ڪج.“ مون ذرا ڪڙڪ آواز ۾ دهرايو، ”منظور ڪج!“

راجا مشڪي چيو، ”منظور ڪجو.“

مون ڪنڌ هيٺ ڪري جواب ڏنو، ”منهنجي هٿ ۾ ناهي. آفيسر جي هٿ ۾ آهي.“

”اڳ ۾ به ته آفيسر جي ئي هٿ ۾ هو. مهرباني ڪري ڪجو، پٽ بيمار آهي.“

راجا جي پوئين جملي ۾ پريل لوڪ، دل ۾ تير وانگر چڀي ويئي. ڪنڌ مٿي ڪري، رڙ ڪري چيو مانس، ”پٽ بيمار ائين ته اسين ڇا ڪريون. وڃ... وڃ.“

راجا ويو ته ڪونه، پر گهبير تي منهنجي منهن ۾ نهارڻ لڳو. مان منهن هيٺ ڪري ڪم ۾ جنبي ويس. هنجي ويندي اهو پڌم، ”بس سنڌي بابو توهان تي به بين جو رنگ چڙهي ويو. ڇڱو اڄ ڪان وٺي اسانجي دوستي ڪاٽا.“

مون خارن مان راجا جي درخواست تي اهڙو نوٽ هنيو جو هنجي موڪل منظور نه ٿي. راجا لاء جڻ موڪل منظور نا منظور ساڳي ڳالهه هئي. هو مات ڪري ڳوٺ هليو ويو. اسان نوڪريءَ تي چڙهڻ لاء لکيس ته جواب موڪليائين ته جڏهن پٽ چاڪ ٿيندو تڏهن ايندس.

جڏهن نوڪريءَ تي چڙهيو تڏهن وارننگ مليس ته وري جي موڪل تي ويندي ته انتظامي قدم کنيو ويندو. ليڪن بيپرواهه راجا تي جڻ اثر ئي نه ٿيو.

آخر مون کي منهنجي جي حضوريءَ جو اُجورو مليو نه ويو. مونکان هيٺ ٻن، ڪرستان ۽ مسلمان ڪلارڪن جي حق کي ماري مونکي پڪو ڪيو ويو. ساڳئي وقت ٻيءَ برانچ ۾ بدلي ڪيو ويس. راجا سان جڏهن ڪٿي ڪنهن به بهاني مڪاميلو نه ٿيندو هو. آخر ضرورت به ڪهڙي هئي؟ جيئن ميز تي فائيل ايندا آهن ۽ ٿوري وقت بعد هليا ويندا آهن، تئين انسان به اکين آڏو آيا ۽ ويا نه انهن لاءِ ياد ڇاجي! ڪم وري ايترو هو جو مٿي ڪنهن جي به فرصت ڪانه هئي. ليڪن هڪ ڏينهن اوچتو "مسٽر نانڪاڻي سلام" ٻڌي جو نظر مٿي ڪيم ته سامهون ساڳيو خوددار راجا بيٺل ڏٺم. "سنڌي بابو، اسانجي موڪلائي آهي،" هن چيو.

مون ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيندي پڇيو، "موڪلائي! معنـي؟"

"يعني ته توهانجي عنايت سان اسانکي ٽڪيٽ ونائي ويئي آهي."

"منهنجي عنايت! سو ڪيئن؟"

"توهانکي ياد آهي نه ٻنا منظوريءَ جي موڪل تي رهڻ ڪري توهان هڪ دفعي منهنجي خلاف آفيسر ڏانهن نوٽ لکي موڪليو هو، جنهنڪري مونکي وارننگ مليو هو ۽ اڄ ٻن سالن ۾ ٻه دفعا ٻنا منظوريءَ جي موڪل تي رهڻ ڪري، انڪوائريءَ بعد ڊسچارج

ڪيو ويو آھيان.

”پر ھن توھان ائين ڇو ڪيو؟“

”ڀلا ائين نہ ڪريان ھا تہ ڇا ڪريان ھا؟ توھان کي تہ خبر آھي تہ اسان جھڙن شخصن کي ڪيئن نہ موڪل لاءِ رلايو ويندو آھي. ھڪ ڀيري ڙال جي بيماريءَ ڪري موڪل لاءِ لکيم تہ ڪجھ وقت نہ جواب ئي ڪونہ ڏنائون. ٻئي دفعي پٽ جي بيماريءَ لاءِ موڪل جي درخواست وڌم تہ اھا يڪدم نامنظور ڪيائون. ھاڻي توھين ئي ٻڌايو تہ مان پنھنجي بيمار ڙال ٻچا ٻارن کي اڪيلو ڪيئن ٿو ڳوٺ ۾ ڇڏي سگھان. ھنن جي بيماريءَ وارو عرصو آفيس ۾ وڃڻ تي ڇڙ وھ ٿي پوندو آھي...“

منھنجي دل مان سيسرات نڪري ويو ۽ ماضيءَ کان چند تصويرون اکين سامھون ڦرڻ لڳيون. اُن وقت سياري جا ڏينھن ھئا. منھنجي پتني پنھنجي بيمار لخت جگر کي ٻانھن ۾ جڪڙي دروازي تي، ھرروز شام جو منھنجي اچڻ جو انتظار ڪندي ھئي. ۽ جڏھن مان ھرروز آفيس مان دير سان موٽندو ھوس تہ ھوءَ چوندي ھئي، ”ھن ٻالڪ جي واسطي تہ آفيس مان سوير موٽيو.“ ليڪن مان مجبور ٿي چوندو ھوس، ”ھن بيروزگاري ۽ ڇانٽي جي زماني ۾ آفيس ۾ دير دير سان ويھي ڪم پورو ڪرڻو ٿو پوي...“ ھوءَ خاموش ٿي

ويندي هئي. آخر هڪ ڏينهن اهو به آيو جڏهن هوءَ ننڍي معصوم کي ٻـي جان فاٿيلن جي ڍڳ وانگر ڪٺي گونگا لڙڪ وهائي منهنجي راهه ڏسي رهي هئي ......

مان آلاجي ڪيترو وقت پنهنجي تصور ۾ محو رهان ها جو راجا خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو، "سنڌي بابو، جـن ٻارن ٻچن جو پيٽ پالڻ لاءِ ڪمائجي ٿـو سي جيڪڏهن پوري پرداخت نه هئڻ ڪري ختم ٿي وڃن ته انهن لاءِ پگهر وهائڻ کي ڪهڙي معنيٰ آهي."

"توکي خبر ناهي ته هو گجراتي ڪلارڪ 'پٽيل' ڇا چوندو آهي؟ اڄڪلهه زال ۽ ٻار ملڻ سولا آهن پر 'نوڪري راڻي' ملڻ مشڪل آهي."

راجـا بيپرواهه ڪلي ويٺو، "اهي خيال توهين بابو لوڪ ڪندا آهيو. ٻارڻ لاءِ ته چار ڏوڪڙ، جهڙا نوڪري مان ڪمائڻا تهڙا هٿ جي هنر يا مزوريءَ مان ڪمائڻا..."

"هٿ جو هنر؟ يعني تون هن نوڪريءَ کان اڳيم ڪو ڌنڌو به ڪندو هئين؟"

"ڌنڌو ئي سمجهو. ڪوئين ڪارخانن وارو ڌنڌو نه پر هٿراد شراب ٺاهڻ جو ڌنڌو..."

مـون ڪجهه جهجهڪ محسوس ڪئي. ائين لڳم ڄڻ راجا جي گنڀير ڪاري چهري پٺيان ڪو ڳڙلنگ لڪو ويٺو هو، جنهنجي سڄي سرير مـان شراب جي ٻدبوءِ ايندي هجي. راجا شايد منهنجي جهجهڪ کي پائڙي

ورتو. ڪنڌ هيٺ ڪري چيائين ”...ليڪن مون لئي چاهيو ته منهنجن معصوم گلڙن جي جيون ۾ ڪو هن ڌنڌي جي بدبوءِ سراڪا پائي ۽ هنن جي زندگي ڪال ڪوٺڙين ۾ پلجي. انڪري ئي نوڪري ڪيم. پر هيءَ بي جان سرڪار اهو ڪٿي ٿي سمجهي سگهي...“

راجا هٿ جي تريءَ سان اکين جون ڪنڊون اگهي، جڏهن مٿي نهاريو تڏهن مون محسوس ڪيو ته منهنجي سامهون ”گڙنگه راجا“ بدران ”نيڪ راجا“ کڙو هو.

—o&o—

# پيريءَ جو توشو

مونکي بک لڳندي آهي ته اصل ويهڻ نه ڏيندي آهي. شام جو آفيس مان موٽڻ بعد ڪڏهن ڪڏهن ته شريمتي صاحبا جا هي اَمولڪ وچن ٻڌڻا پوندا اٿم، ”جنسي گهوڙي تي چڙهي ٿا اچو، بک تي ڪين چڙهي ٿي. ڇو نه اڳيان در جي ٻاهران ئي ٿالهي ٻاڌي رکالوَ. آفيس ۾ الاجي ڪيئن ڪندا هوندا؟“

سچ پچ آفيس ۾ منجهند جي مانيءَ لاءِ ٻاٽيهي پوڻو ٻارٽو ٻولندو اٿم. اُتي شريمتيءَ وانگر ڪير ويٺو آهي جو ٽريءَ تي ڀهشت ڪٽي ڏيندم. ڪنهن نه ڪنهن هوٽل ۾ وڃي پيٽ جي آگ ٻجهائي ايندو آهيان. ڏيڍ لڳڻ تي هوندو آهي ته اکيون وڃي گهڙيال ۾ اٽڪنديون آهن. جئن جئن روٽيءَ جو وقت ويجهو پوندو ويندو آهي، تئن تئن ڪم تان دل لهي ويندي آهي ۽ پيٽ ۾ ولوڙا پوڻ شروع ٿيندا آهن. وري جيڪڏهن عين موقي تي آفيسر گهرائي مانيءَ جو ٽائيم ٽاري ڇڏيو ته دل ئي دل ۾ ڪيس حرف پئيندو آهيانس.

تنهن ڏينهن فورٽ جي هڪ هوٽل ۾ منجهند جي ماني ٿي کاڌم ۽ اخبار ٿي پڙهيم. اخبار ۾ هڪ خاص خبر آئي هئي ته رشيا ۾ ڪم جا ڪلاڪ گهٽايا

ويا آهن ۽ ننڍي پگهار وارن جون پينشنون وڌايون ويون آهن. مان اُلڪي ڏاڍي ڌيان سان پڙهندو رهيو هوس. ڀلا ڌيان سان ڪيئن نه پڙهان؟ جنهن خانگي آفيس ۾ نوڪري ڪئي اٿم اُتي پينشن جو نالو به ناهي، ٻاڻ ڪم جا ڪلاڪ وڌائڻ جي مار اٿن. سوچيم پئي ته هتي به، روس وانگر هر ڪنهن کي روزگار ۽ پينشن ملي ته هوند ڪهڙو نه سٺو ٿئي.

اخبار پڙهندي ۽ روٽي کائيندي هڪ ٽي وقت ٻه-ڪارج ڪندي خوشيءَ ۾ ڦوليو نه سمائبو آهيان. ليڪن اڄ ڏينهن اها خوشي مهانگي پيئي. اڃا هڪ ٻوري مس کاڌي هئم ته اوچتو جهٽڪو آيو ۽ اخبار وچ ۾ پري پيئي. ڇا ڏسان ته سامهون هڪ ڪراڙو ڏوڙي بد شخص بيٺو، منهنجي پليٽ مان هڪ هٿ سان ٻوريون ته ٻئي هٿ سان پڪوڙا کڻي. جهٽ هٿ کڻي ڪرائيءَ کان جهليو مانس، ڪرائي نه هئي ڄڻسي لوهه جي سيخ هئي، جنهن کي زور سان جهليندي، خرد منهنجو نرم هٿ سور ۾ ڪڙهڻ لڳو.

فورٽ ايراضي، جنهنکي سچ پچ هڪ مضبوط ڪوٽ سمجهيو ويندو آهي، اُتي ڏينهن ڏٺي جو ديناداستي ڪوئي هوٽل ۾ گهڙي اچي روٽي کسي، تنهن مولکي هڪو ٻڪو ٻڌائي ڇڏيو.

اُن اجنبي شخص ڪرائي پڪڙيل هوندي به پڪوڙا

مٿس مــان نه ڇڏيا. هندستانيءَ ۾، ليلا ٽيندي چيائين،
”بابوجي، ٻهن ڏينهن کان بکيو آهيان!“

”پنج ڏينهن!!“ موڙکان جهيٽي رڙ نڪري ويئي. پلا پنج ڏينهن به ڪوئي بکيو رهي سگهيو ٿي. مونکي گهر ۾ اڌ ڪلاڪ روٽي دير سان ملي ته وٺ گهوڙو ٻڌڻ نه ڏيان ۽ هن ٻار پنج ڏينهن اَن نه چکيو هو. سڄا سارا ١٢٠ ڪلاڪ لنگهڻ ڪڍيو هئائين. عجيب ڳالهه هئي. وشواس ٿي نه پئي آيو. ليڪن هنجون هراڻون نڪتل ڇهو جو ساک ٻڌي رهيو هو. سندس ڏرا ڏنل اکيون جو ٻه پناهه ٻيڪسي ٿياٽي رهيون هيون. شڪل به سائي جهڙي پيگه ته هئس ۽ نيم لنگي بدن جون رڳون ۽ نسون به ته صاف ڏسڻ ۾ پئي آيون.

”پٽ، انهنجي ٻڌڻ ۾ جيڏو آهيان؛ ڇڏيم، بک ۾ پاھ ٿو ٿيان.“ هنجي اکين مان لڙڪ لڙي پيا.

منهنجو هنجي ڪرائيءَ کي پڪڙيل هٿ خود به خود ڍرو ٿي ويو. هنجي ويدنا ڀريل لفظ ٻڌندي الاجي ڇو منهنجي دل ڀڄي آئي ۽ اندر ۾ گهاءُ پوڻ لڳا.

هوٽل جي هڪ ويٽر، هنکي ڏکا ڏيئي ٻاهر ڪڍي ڪڍيو ته مون منع ڪئي ماٺس، تنهن تي ويٽر هندستانيءَ ۾ چيو، ”صاحب، توهانکي خبر ڪانهي؛ هدن پينن ڏاڍو ننگ ڪيو آهي. مزوري يا نوڪري نه ڪندا ٻـــر پڇي کائڻ پسند ڪندا.“

مونکي هنجي ڳالهه نه آئڙي.

ويڻ جا اکر ٻڌندي اجنبي شخص جي شڪل ڳاڙهي ٿي ويئي. اکين مان ٻيڪي آڏامي ويس، لڙڪ سڪي ويس. بدن ڏڪڻ لڳس. ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي چياتين، "بابوجي، ڇا توهين به ائين ٿا سمجهو؟"

مان اچرج ۾ هنجي بدليل روپ کي ڏسندو رهيس. وري چيائين، "بابو صاحب، سڄي عمر مزوري ڪئي اٿم. گهر ٻار کي ڇڏي هتي نوڪريءَ جي تلاش ۾ آيو آهيان، پڻ ڪونه آيو آهيان! خالدينش جي کيت کيت ۾ مون هر کيڙيو آهي. هيءَ روٽي منهنجي پيدا ڪيل آهي. اڄ اُن روٽيءَ تي منهنجو ڪو حق ڪونهي! پنجن ڇهن ڏينهن کان بيمار هوس. سڄي حياتي رت ست ڏنم، پر اسان غريبن لاءِ پيريءَ جو توشو ڪٿان اچي؟ هاڻي سگهه نه رهي اٿم ته ڇا پني کان؟ هاءِ پڌي روٽي کان! نه ... نه مان پيندو ناهيان... پيندو ناهيان!!" ائين چئي هو ٻوريون ۽ پڪوڙا ميز تي اڇلي رمندو رهيو.

مان ڪجهه دير تائين سن ۾ ويٺو رهيس. ماني ڪائڻ تي دل ئي نه ٿي. بک ئي مري ويئي. هوٽل واري کي بل ڏيئي آفيس ڏانهن هليس، پر پير ڇو ٿا چرن؟ هو پنجن ڏينهن کان بکيو هو ۽ مون کيس هڪ ڏينهن لاءِ پيٽ ڀري نه کارايو! وک وک کڻندي مون ائين پئي محسوس ڪيو ته ڪوئي پٺيان سڏي رهيو آهي-

”ٻنهن ڏينهن کان بکيو آهيان..... منهنجي پيءُ جيڏو آهيان. بک ۾ ٻاهه ٿو ٽيان.“

ماڻ اڳتي وڌي نه سگهيس. ٽنيان موٽي ان گهٽيءَ ڏانهن رخ رکيم، جيڏانهن آهو ٻيو ويو هو. اتي نه هو هوٽي ڪوڻ. هنڪي ڳولڻ لاءِ دل ٻيچين ٿيڻ لڳي. ٻاسي واري ٻيءَ گهٽيءَ ۾ ويس. هو اتي به ڏسڻ ۾ نه آيو. ٽينءَ گهٽيءَ ۾ پريان ميڙاڪو ڏسي اڳتي وڌيس. ڇا ڏسان ته گوڙ جي وچ ۾ هو سڙمان جو سوامي ۽ محبت جو مجسمو ڪريو پيو هو! مٿي مان رت پئي وهيس اکيون ٻوريل هئس ۽ هوش غائب. تمام آهستي آهستي ساهه پئي کنيائين. اُف! جڏهن کوهه پياسي وٽ آيو، تڏهن پياس هن جي ساهه کي ڌري گهٽ سڪائي ڇڪي هئي.

هنجي مٿي کان وڏو باردانو پيو هو ۽ جنهنجو اهو باردانو ٽي ڏنو سو ڇڪي رهيو هو، ”سالي کي سگهه ليي ڪانه، هليو آهي مزوري ڪرڻ......“

موڪي ان ٻيڙي جا لفظ ياد آيا، ”اسان غريبن لاءِ پيريءَ جو لوشو ڪٿان اچي؟ هاڻي سگهه نه اٿم ته ڇا پئي کان...... مان پيٽو ناهيان......“ ۽ منهنجي واس مان ازخود نڪري ويو، ”سيٺ صاحب ٻلا هن عمر ۾ هن کي ڪهڙي سگهه هوندي. مزوري نه ڪري ته ڪٿان کائي؟ پينشن ڏوروٽي ٽي مليس؟“

"اسين ڇا ڪريونس. وڃي ٻئي ڪائي. لٽو ته لارڊ آهي جو پينشن ملندس."

"واهه سيٺ صاحب واهه! اڙو ٿي، آهي توهان جي سماج جو قانون! انسان سڄي عمر سماج لاءِ وهي ۽ پيريءَ ۾ ٻُڌي ڪائي."

منهنجي جواب جي ٻن ٽن ڄڻن تائيد ڪئي، جنهن سيٺ کي ٻُڌن ٻُڌن ڪري اچي ورتو هو ککو وکو ٿي ويو. پنهنجي ڪل ٻچائڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن، ٻئي ڪنهن ڪُوليءَ کي سڏ ڪرڻ لڳو. ڪو ڪولي ته ڪو نه آيو، پر هڪجي ڪل ٻچائڻ لاءِ سندس رڪيڪ- پوليس وارو اچي پهتو. هن ڏنڊو لوڏيندي فرمايو، "هلو هلو، ڇاجو گوڙ لڳايو اٿو." ماڻهو ٽڙي پکڙي ويا.

آفيس ۾ پهتس ته ڪم ڪرڻ لئي دل ئي نه پئي ٿئي. پيٽ ۾ ڄڻ ڪا ڳالهه هئي. الائي ڇو من پئي منجهيو. ائين پئي محسوس ڪيم ته هو سڙمان جو مالڪ سامهون اچي بيٺو آهي، جو پيو چوي، "اسان غريبن لاءِ پيريءَ جو توشو ڪٿان اچي؟ هاڻي سگهه نه اٿم ته ڇا ٻئي ڪان...؟" گهڙيءَ هو سيٺ پيو ڏسان جو پيو چوي، "سالي کي سگهه ليبي ڪانه، هليو آهي مزوري ڪرڻ... اسين ڇا ڪريونس، وڃي ٻئي ڪائي." ۽ ڪڏهن هوءَ اخبار اکين سامهون پئي ڦري، جنهن ۾ لکيل هو ته رشيا ۾ ڪم جا ڪلاڪ گهٽايا ويا آهن ۽ پينشون ن

وڏاڻون ويٺون آهن.

۽ اڄ ڪلهه مان انهن ڳالهين بابت اڻترو ٿي سوچيندو آهيان جو جڏهن شام جو گهر موٽندو آهيان ته ڪڏهن ڪڏهن شريمتي چوندي آهي "هاڻي توهان ڪي چا ٿي ويو آهي؟ يا ته گهوڙي تي چڙهي ايندا هئا يا ته روٽي پيٽي ٿري ته به الاجي ڪهڙي سوچ ۾ ويٺا آهيو!

# قافلو وڌندو رهيو

هي ڇا ٿي ويو؟... اوچتو ٿي اوچتو گيت ڇو گهٽجي ويا؟... ڌڙڪن ڇو بند ٿي وئي؟ ... سامهون منڊپ اڃا ڇو سڃو پيو آهي؟... هي سڀ ماڻهو مات ڇو ٿي ويا آهن؟ ... زندگي ڇو بيهي وئي آهي؟... ڪي پل لاءِ انهن سوالن منهنجي من ۾ جڻ ڀوڪمپ مچائي ڇڏيو.

اُف! مان ڪهڙن نہ سندر سپنن ۾ لين هوس،... ڪهڙي، نہ رنگين ڪلپنا ۾ مگن هوس. منهنجي ڪلپنا شاديءَ جي چوگرد چڪر ڪاٽي رهي هئي. هيءَ شاديءَ جو ناتو بہ ڪهڙو نہ عجيب آهي، جيڪو ٻن اجنبين کي ملائي هڪ ڪيو ڇڏي ۽ هنجي گود کي هريو ڀريو ڪري، انساني زندگيءَ جي چمن کي سدائين لاءِ سر سبز رکندو اچي.

سوچيم پئي تہ اڄ وِمل، جيون ساٿيءَ کي پائي ڪيڏو نہ خوش ٿيندي، هنکي پائڻ لاءِ ڪيڏو نہ بيقرار هوندي، ليڪن هي ڇا ٿيو؟...هيءَ ڀڻ ڀڻ ڇاجي آهي؟ ...هي ڇا ٿا چون؟...

”وِمل شاديءَ کان انڪار ڪيو آهي!“

”ڇو؟؟“

”ڇوڪرو ريڊيوگرام ٺو ڳهري.“
”مانت ڇو نہ ٿا ڪٽي ڏيهس؟“
”ٻيلي هي تہ نسورو ظلم ڇٽبو. نہ ٻول نہ، ڇو ل ڪٽي ڏيهس.“

”ڇورن جو تہ اَصل مڳج (مغز) ئي ڦري ويو آهي.“
”ها، مٺن جي ڏڳهري لهي ويئي آهي.“
”مانت ڪي اَيپاڳت ٽوريٺي آهي، ڪٽي ڏيهس. ويچاري نياڻي وچي شيشهن ڪلهي چڙهندي.“
”مانت جي اپياڳت ڪولهن تہ شاهوڪار بہ ڪونهن. ۽ ڪٽي ڏيهس بہ ڪٽي، پر ڇوڪري جا نمو اکر واري ويئي آهي.“
”ها، ڇويٺي شادي ڪا واپار آهي ڇا؟“
”ماني، ڇوڪري بہ ڪا ذات اُهي. اهڙيءَ سان پلا ٻيو ڪير پلہ اَٽڪائيندو.“
”لڏهن هاڻي پلا ڇا ڪندا؟“
”اَهڙن گهرٽن ڪي تہ گهر واپس اماڻجي.“
”ستنام سري واهگرو، مائي ڪلجڳ آهي ڪلجڳ!“
”نہ رکو گهر واپس اَماڻجين، پر اَصل ڪنوارو ٻتر ڪري وهارجين!“
”ستنام، نيل ٿو ٻري، هاڻي ٿو ٻري ٻاڻي.“
ماڻهو پنهنجي من ماني ٽيڪاٽپڻي ڪري رهيا هئا. ڪين وقت ڪاٽڻ لاءِ چرچ قوت ملي ويو هو. ومل ٿي

ڇا وهــــي گذري هئي، تنهنجي خير ڪنهنکي چنتا هئي. ڇا اڄ وملَ جي شادي نه ٿيندي؟ هنجو ڪهڙو حال هوندو؟ ڇا سچ پچ هن شاديءَ کان انڪار ڪيو آهي. هن ائين ڪندي ڪيڏي نه پيڙا سٺي هوندي. مٽن مائٽن ساهيڙين سڀني جا ڇا نه مهڻا سٺا هوندا. اُنهنجو تصور ڪندي ئي منهنجو من منجهڻ لڳو. هيلتائين رڳو فلمن ۾ اهڙو چٽر ڏٺو هوم، پر اڄ اهو پنهنجين اکين سامهون بمبئي شهر ۾ ڏسي رهيو هوس.

منهنجي سامهون ئي چار ڏينهن اڳ جو آفيس جو نظارو ترڻ لڳو ...... وملَ آفيس جي هڪ ساٿيءَ کي پنهنجي شاديءَ جو نيڊب پتر ڏيندي ٽڙندي ٿي هلي، اَپار آنند جي ساگر ۾ ٽُٻندي ٿي ويئي.

ڪنهن ساهيڙيءَ مسخريءَ ۾ چيس، ”سو نيٺ تنهنجو موڪيه ٿيو؟“

ٻي ڌڙڪ جواب ڏنائينس، ”مان نه اڳ ڪنهنجي غلام هئس ۽ نه وري هينئر ٿي ڪنهن جي غلام ٿيندس.“

ساهيڙيءَ چيس، ”ائين رڳو چئبو آهي...“

ٻون هنڪي وچڙ ٿي ڪٿي چيو هو، ”هنجي نه پيار جي شادي آهي نه؟“

ان تــي وملَ چيو هو، اها پيار جي شادي تـــه ناهي، اَلبت پسنديءَ جي شادي چئي سگهجي ٿو، پوءِ

اَچبو نه؟"

مون چيو، "ضرور ضرور، اُن خوشنصيب انسان جو درشن ڪرڻ نه اچبوئي ۽ سوکڙي به ته ڏيڻي آهي."

هن پڇيو، "ڪهڙي سوکڙي ٿو ڏين؟"

"مئڪسم گورڪي جو ناول 'ماءُ'."

"واه، مون پاڻ اهو ناول پڙهڻ چاهيو ٿي."

۽ هينئر "ماءُ" ناول منهنجن هٿن ۾ پيو هو. مان سوچڻ لڳس- ڇا هي ناول مونکي واپس کڻي وڃڻو پوندو؟ ڇا هي سڀ ماڻهو هليا ويندا ۽ وري...... هوءَ به اڪيلي اڪيلي واپس هلي ويندي. منهنجي دل چيخڻ لڳي هي ڪهڙو "شائلاڪ" آهي، جيڪو انساني ماس طلبي رهيو آهي؟...هي ڪهڙو منحوس مرد آهي جيڪو عورت ذات جو اپمان ڪري رهيو آهي- عورت جيڪا هنجي جيجل آهي، ڀيڻ آهي ۽ آهي جيون ساٿڻ! مونکي پنهنجي مرد هئڻ تي شرم اچڻ لڳو......

آه... هوءَ اچي رهي هئي. سندس پرسان ڪيس ڪير روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو. پر هوءَ هلندي آئي، آهستي آهستي، سانت- ساگر جي لهرن وانگر. هوءَ ويڙهيءَ وارن وڳن ۾ اچي مندپ ۾ ويٺي. سندس شڪل پروليل هئي ۽ اکيون آب اوڻ لاءِ آليون هيون.

سيني جون اکيون وچي هن ۾ ڪتيون. دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي ته، هاڻي ڇا ٿيندو؟ هوءَ ڇا ڪندي؟ ڇا گهوٽ کي ريڊيو گرام مليو آهي؟

هوءَ اُتي مشڪرافون اڳيان آئي. ڪن خاموش رهي. بجليءَ جي روشنيءَ ۾ سندس موچاري مهانڊي مان نوُراني مٽيا پئي بکي. سندس اکين مان ڪنهن اَٽل ارادي جي جهلڪ صاف پئي اُلهڪي - ارادو جيڪو ڪافي پوئنا پوڻ بعد ڪيل ٿي ڏٺو.

هري هري هنجا چپ چريا. سندس لفظن ۾ لرزش هئي ۽ آواز ۾ الاهه ويدنا. چيائين، ”مونکي ڏک آهي جو توهان کي انتظار ڪرڻو پيو آهي. مون ان شخص سان شاديءَ ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، جنهن کي پتنيءَ کان وڌيڪ ريڊيو گرام پيارو آهي. اسانجي پاڻ ۾ ڏيتي ليتيءَ جي ڪا به بول نه ٿيل هئي، ليڪن هن اسانجي مجبوريءَ جو فائدو وٺڻ ٿي چاهيو، جيڪو ڪو به غيرتمند شخص برداشت ڪري نه سگهندو. مان هٿ پنگت ۾ ويٺل ڪنهن به پاڻ جيڏي سان هينئر شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، بشرطيڪ هو ڏيتي ليتيءَ جو ڪو به شرط نه وجهندو. جيڪڏهن هن پريءَ سڀا ۾ ڪو به اهڙو ويرپرش نه هوندو ته مان سدائين لاءِ ڪنواري رهنديس.“

مون انين محسوس ڪيو گويا گورڪي جي ناول جي

لائڪا ”اَمرُ“ ساڪيات اچي بيٺي آهي، جيڪا انسانيت
کي للڪاري رهي آهي.

سڀ دلگ رهجي ويا. هر ڪو هڪٻئي جو ٻوٿ
تڪڻ لڳو. ڪن خاموشيءَ بعد ڀڻ ڀڻ شروع ٿي ويئي.

”ڦٽي غجب (غضب) ٿي ويو!“

”نہ شرم نہ حياءُ...“

”چورن کي نہ شرم حياءُ ٿي ڪونهي.“

”هھڙي بہ ڪا شادي ٿيندي آهي؟“

”ڪير بہ هاڻي شادي ڪين ڪندس...“

”آفرين اٿس...“

”ڇوري کي چڱي نوڪر هميائين.“

”هاڻي شل ڪو پيو شاديءَ لاءِ تيار ٿيس.“

ڪجهہ وقت لاءِ موت جهڙو سناٽو ڇانئجي ويو.
سڀ انتظار وچان بت بڻجي ويٺا. رڳو وقت ٿي هو
جو دستور موجب هلي رهيو هو... ٻاهرين طرح تہ
سالم هئي، پر اندروني طرح نہ ٻن شڪتين - انسانيت
شيطانيت جي وچ ۾ ڪشمڪش هلي رهي هئي.
ڪنهن جي جيت ٿيندي، ڪير ڇٽي لٽي سگهيو.

پنج منٽ گذريا... ڏهہ منٽ گذريا... پندرهن منٽ
گذريا... هي ڇا ڪير لٿو اڳتي وڌي... ڇا ائين شيطانيت
انسانيت کي شڪ ڏيئي ويندي ۽ قصو ائين ختم ٿي
ويندو! ساري مرد ذات ڇا هڪ عورت جي للڪار
کي چپ چاپ ۾ ٻڏي ويندي! ۽ هوڏانهن ٻنهين جي

# واڪ آئوٽ

شري ڪيسواڻيءَ جٽ ٻاٽ ماري هٿا ڪئي، لنڊن ۾ آفيس ۾ پهچڻ مهل ساڍا ڏهه لڳي پنج منٽ ٿي ويا هئا. چرچگيٽ کان سيڪريٽريٽ تائين اِيساهي پنڌ ڪيو هئائين ته به هونءَ ڪان ڏهه ٻارهن منٽ دير ٿي وئي. لفٽ لاءِ ترسڻ ڪان سواءِ ڏاڪڻ تان ٻرانگهون پرائيندو وڃي، پنهنجي روم وٽ پهتو. ٻر سندس اُن ساٿين جي نهار ٽٽ ٻٽائي ڇڏيس.

هڪڙي سنڌي ساٿيءَ سائٽ ڪي نوڙيندي/انگريزيءَ ۾ چيس، ”مسٽر هيٽرا ڏينهن موڪل ڪاٽي آيو آهين ته به دير سان... هاڻي ته وڃ سڌو اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ وٽ، وارننگ وٺي اچ.“

اس سيني جا مڪ اڃي ڪليا.

گجراتيءَ چيو، ”آ ٻچارا ٿي نوا قاعدا ٿي ڪيا ٿي خبر هوءِ ؟“

مرهٽيءَ چيو، ”ڪيسواڻي، ڪڏهن آشيرا ٻيٽ ٿاهي.“

ڪيسواڻي ويچارو منجهي پيو. سمجهي نه سگهيو ته آخر ڪهڙي ماجرا آهي. مائيءَ جي هرڙي ٿ. خاني ۾ رکيائين ٻر ڪنن ۾ اهو ئي آواز وڃي رهيو هوس، ”وڃ

اَسسٽنٽ سيڪريٽريءَ وٽ." ليٽ ڪنهن وچي دماغ
۾ ڳالهه وهاريس ته ڪالهه نئون فرمان نڪتو آهي ته—
"جيڪو پهريون دفعو ۳۵-۱۰ ڪان دير سان ايندو الڪي
وارننگ ملندو. ٻيو دفعو دير سان اچي ته هڪ ڏينهن
موڪل ڪٽ، ٽئين دفعي هن خلاف انتظامي قدم کنيو
ويندو." ڪيسواڻي هڪ هڪ ڳالهه تي جيسي ٽپ تي
ڏنوءِ وات مان نڪري ويس، "چــوٿين دفعي سان؟"
"چوٿين دفعي سان گهر جي ٽڪيٽ، ٻيو وري ڇا!"
سنڌي ڪلارڪ شرارتي نوع ۾ وراڻيس.

پڪي جي هيٺان ٻيٺي ٻه ويچارڙي ڪيسواڻي جي نرڙ
ٽان پگهر وهي رهيو هو. پراڻن ڪپڙن مان ٿهيل رومال
ڪڍي پگهر اگهڻ لڳو. سندس اڳيان لنڊڙي ميـڊوءَ
جي شڪل ڦرڻ لڳي- "چوري آڱر ڪان جهلي ٻيٺي ٻه
نه ته ٻه مدت دير نه ٿئي ها ته ورار ڪـان فاسٽ ڳاڏي
ملي وڃي ها ۽ ايندي شرط منحوس آفيسر جي شڪل
ڏسڻي نه پوي ها." ويچاري ٻالڪي موڪلن ۾ ٻـيءَ
سان گهٽو هري ويٺي هئي. موڪلن کان اڳي هــونءَ ته
ڪيسواڻي صبح جو سويل گهران نڪرندو هو ته ميڊوءَ ننڊ
۾ ٿي هوندي هئي ۽ رات جو ۹ ٻجي آفيس مـان گهر
پهچندو هو ته سڀ ٻـار ننڊ ۾ هوندا هئا. ڪيسواڻي
وري ٻاڻڪي ٿي ٻڙ ٻڙ ڪندي، "هــي اَجگر جيڏيون
ٽرينون ڪٽي وقت سر پهچن ها ته 'مسٽر' (حاضريءَ جو

رجسٽر) ملي وڃي ها.“

ڪيسواڻي آفيسر جي روم وٽ وڃي در جي سوراخ مان ليٽو پائي ڏٺو ته ٻيو ڪير ته نه ويٺو آهي. اندر گهڙيو. همت ڪري عرض ڪيائين، ”سائين مان نه موڪل تي هوس. مونکي نئين فرمان جي ڪهڙي خبر. اڳئين فرمان مطابق ته پوري وقت ١٠-٤٠ تي آيو آهيان.“

”توکي نئين فرمان جي خبر هئڻ کپندي هئي. فرمان، فرمان آهي. هان هي وٺ وارننگ“ آفيسر رعبدار آواز ۾ چيو ۽ ڏانهنس ڪاغذ اُڇليو. /

ڪيسواڻي هٿ وڌائي ماٺ ميٺ ۾ وارننگ جو ڪاغذ جهٽي ورتو. ويچارو اَنسنا ته گهڻا ڪري ويو هو ته انصاف جي تقاضا ڪندس پر آفيسري رعب اڳيان ڍلجي ويو. دل ۾ آيس ته جيڪر چئي ڏيانس ته ”اسانکي آفيس اڳيان ڪوارٽر ٺهرائي ڏيو ته زال ٻارن سميت ٢٤ ڪلاڪ ئي سرڪار جي خدمت ڪندا رهون.“ پر سوُر پي موٽي آيو.

هو ڪرسيءَ تي ويٺو ته سهين، پر دل دماغ ۾ آرام نه هئس. اڃا اٽڪل پنجن سالن بعد تازو پروموشن مليو هوس. ڪلارڪ مان اسسٽنٽ ٿيو هو. ١٧٠ رپيا پگهار. مس مس ڪري وڃي پٽسي جي لنگيءَ کي منهن ڏنو هئائين ته وري وارننگ جي شامت آئي هئس،

سوچڻ لڳو، ”اسين هڪ هٿ ۾ فائيل ٻئي هٿ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سڄو بار جهلي ٽرين ۾ لٽڪندا ميلن جي مسافري طئه ڪري آفيس ۾ اچون ۽ پوءِ جيڪڏهن سانگي سان ڪي منٽ دير ٿي ويئي ته ڇا ٿيو؟ ٻيا ڏهه سان اچڻ ڪري جي سزا ڏني وڃي ٿي ته مون جهڙن هزارن ڪي روز شام جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٻه ڪلاڪ وڌيڪ وقت وهڻ ۽ موڪلن ۾ آفيس ۾ اچڻ جو اجورو به نه ملڻ ڪپي. ڪڏهن سرڪار ان اجوري جو به خيال ڪيو آهي؟ اسين گهر جي ٻوري پرگهور نه لهون ته به ٿڪندا سهڪندا آفيس ۾ اچون. گهر دير سان وڃون ته به فائيلن جو بنڊل کڻي وڃون. صحت ۽ آرام گنوائي به ڦهندا رهون ته به پورو عيوضو نه ٿو ملي. هيءَ ڪهڙي حياتي آهي؟ هر وقت جنسي واڳوءَ جي وات ۾ آهيون.“

هنڪي ياد آيو ته پويان ساڳيا اکر ڪجهه وقت اڳ آفيسر، مان موٽڻ وقت سندس پٺيءَ چيا هئس- ”سڄو ڏينهن جڻ واڳوءَ جي وات ۾ آهيان. مٿو ڪو هڪڙو هجي، جڏهن ڪي سنڀاليان. گوپ پاڻ جهڙن وڏو ٿئن جلو. پڙهڻ ۽ گهر جي ڪم ڪي آهي جواب، رڳو انس لغڙ ۽ ٻيرا، لاٽي ۽ ذڪر. هاڻ ته جوٽا به شروع ڪيئي انس. ڪڏهن ڪلندو اچي ته ڪڏهن روئندو. ڪڏهن ڏڪ هڻي اچي ته ڪڏهن ڏڪ کائي اچي. هوءَ ڇوري ٻارو

وري کھڙي ٿي آهي، تو ٻه منهنجا ٻچڙا! اسڪول ۾ ڪانءَ ٿي وڃي ۽ جهان ڪٽي ٿي ليٽائي. اڄ ڪتاب کپي، اڄ ڪاپي کپي، اڄ ربڙ کپي، اڄ ٽون گهاگهرو کپي، بس رڳي آهي کپي ۽ کپي.

"باقي مينو جي دالهن ڪانءَ ڏنهءِ،" ڪيسواٽي دل ئي دل ۾ شڪايتن جي ياداشت ٺاهيندي چيو هوس.

"دالهن وري ڪنهن کي ڏيان؟ توهان کي نه جڻ گهر ٻار جو الڪو ئي ناهي. گهر گهوڙن کي، ٻار چورن کي. ڪنهن کي ڪن مهٽ ڪريو نه چوان. سڀئي ڪسي اٿم ڪنهن کي سر منهن ڏيڻو؟ صبح جو پنجين لڳي ٽـسي اٿان ۽ جنسي مشين وانگر ٿي هلان. ٻارن جي ليرن ناهيان، اسڪول لاءِ سنيئراين، توهانجي روٽي ناهيان. وري توهانجي لاڏلي ڌيءَ جو پيت ناهيان. توهان ڏيو پتہ نه هوءَ پري مٽ، لنڊ مـان آئندي ۽ ڪاڏي لاءِ رڙو رڙ شروع ڪندي. تانه (چانهه) ڏي... کپي (کپڻي) ڏي ليٽا پل (سيتا قل) کپي... شيءِ نه مليس نه ٻوءِ 'دادا دادا' جون ڪيڪون شروع ڪندي، ۽ توهين نه سڄو ڏينهن رهو آفيس ۾. گهر اچو ته هٿ ۾ فائيل جو جو ٿهو ڪڍندا اچو. رات جو 11 لڳي تائين نه پيا لکپڙه ڪندا. نه ڳالهائڻ ٻولهائڻ، نه ڪل چرچو. موڪلن ۾ بـه آفيس ۾ ڪم ڪريو. الاجي مٿن ڪي ڪيٽن ده ل ۾ ڊيا آئي. جو اڳين پندرهين آگسٽ تي آفيس ۾ ڪم ڪرڻ

ڪو نه ڏنائون ۽ اُهو ٿي نه لڏورو ڏينهن آهي جڏهن ملڪ مٽايوسين. سنڌ ۾ ٻه چار سال نوڪري ڪيو پر ڪڏهن به ڪو نه ايترو سويل ويندا هئا ۽ نه ڪو وري هيترو ڏير سان ايندا هئا. گڏ گهمڻو ڦرڻو هو. مٽن مائٽن ۽ ساهيڙين سهيلين سان رلڻو ملڻو هو. مگر هتي ته مهنا ٿيا آهن، جو بمبئي شهر جي شڪل نه ڏٺي اٿم. پڳهار وڌيو ته به مائٽن جا ٽنگ پريو. منهنجي لاءِ ته اُهائي سج ۽ پينگه آهي. ٻين جا مڙس آفيسرن کي ٻنائي، آفيس ۾ پورا پون ته گهر ۾ به پورا پون."

ان وقت ڪيسواڻي پنهنجي ڌرمپتني کي خوش ڪرڻ لاءِ سهيل گوپ کي ڪن کان مروٽيندي چيو هو، "اڙي ٻڌين ٿو، هن ڪالپوءِ جي ٻڌو اٿم لغڙ اڏايا ايندي يا جڙونا ڪٽي ايندي ته ٽنگون ٽڪر ڪري ڇڏيندوسانءِ." ۽ پوءِ ڪجهه فائيل پري ڪري هنجي دل وندرائي هئائين......

جي پي وارو مرهٽو اسسٽنٽ سندس ڌيان نه ڇڪائي ته ڪيسواڻي الاجي ڪيترو وقت اڃا به ويچارن ۾ غلطان رهي ها.

"ڪهڙن خيالن ۾ آهين دوست؟"

"هيءُ ته اسورو ناحق جو وارننگ آهي. وزيـرن وانگر موڙون ته ناهن،" ڪيسواڻي اُتر ڏنو.

"توکي خبر آهي ته ٽرين جي ديـر ڪري اڄ مان

ان منحوس وارننگ کان ڇٽڻ ڪاڻ، روٽيءَ لاءِ ڪٿي آئل پئسا ڏيئي ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي پوري وقت تي پهتس.“

”ڀلا اهو به ڪو فرمان ڪڍيو اٿن ته شام جو ساڍي ۵ بجي ڪانپوءِ ڪير به آفيس ۾ نه وهي؟“

”دوست، خبر نه اٿيئي ته جيڪو ساڍي ۵ ڪانپوءِ نه وهندو آهي، تنهن کي ڪمپني نه آفيسر وهڻ لاءِ سڌي يا اڻسڌيءَ طرح مجبور ڪندو آهي. وري چون ٿا ته فرمان لڪتا آهن ته وسيس ۾ ٻاهر وڃڻ ۽ اچڻ لاءِ مسٽر لي صحي ڪرڻي آهي.“

”هيءَ چڱي حڪم شاهي آهي. چو نه ٿا پيشاب ڪرڻ لاءِ به موڪل جو مسٽر رکن؟“ ڪيسواڻي جي هن گفتي سيني ۾ ٽهڪڙو مچائي ڇڏيو.

”اڙي بابا،“ مرهٽي اسسٽنٽ چيو، ”هي سڀ Rationalization جون رٿون آهن. ٿورن ماڻهن کي پيڙي گهڻي ۾ گهڻو ڪم ونڊو اٿن. ٻڌو ڪونه اٿو ته ڪمپني ته ڪارخاني ۾ مزورن جي ڇانٽي ڪري، گهڻن مزورن جو ڪم ٿورن کان ورتو ويندو آهي. تفاوت صرف اهو آهي جو اسين وچولي طبقي وارا گونگين گابين وانگر سرڪاري دٻاءُ سهون ٿا، ۽ مزور ظلم جو مڪمنا سان مقابلو ڪن ٿا.“

”ڳالهه سچي ڪئي اٿيئي. جيترو وڌيڪ ايمانداريءَ سان ڍوهون ٿا اوترو وڌيڪ پيڙجون ٿا. اسان کي ا

هاڻ نه رڳو موڪلن ۾ نه اچڻ کپي، پر ساڍي ۵ بجي کان پوءِ هڪ منٽ بہ نہ ترسڻ کپي،" ڪيسواڻيءَ صلاح ڏني.

"ضرور ضرور، ڪلهه بہ هتي سڄي ڪاتـي ۾ ان ڳالهه تي وڏو چوٻولو متو هو ۽ اڄ تنهنجي مثال تہ اسانجون اکيون پٽيون آهن. اڄ هن روم ۾ ساڍي ۵ بجي کان پوءِ هڪ بہ نہ ويهندو،" گجرالـي سپرنٽينڊنٽ فيصلو ڪندي چيو.

باقي وقت ڪيسواڻيءَ جون اکيون گهڙيال ۾ کتل رهيون.

ساڍا ۵ لڳا تہ سڄي روم خالي ٿي وئي. ڪيسواڻي ٻاهر ڏٺو تہ ٻين رومن مان بہ اڳي کان وڌيڪ جٿا نڪري رهيا هئا. هن محسوس ڪيو گويا هن ڪي وار لنگهه جو عيوضـو ملي چڪو. اڄ هنجا هٿ هلڪا هئا، دل ۽ دماغ هلڪو هو ۽ چهري تي خوشيءَ جي جهلڪ نمودار هئي.

۽ پنهنجي روزاني عادت الوسار جڏهن ٿـي آفيسر ساڍي ۵ بجي کانپوءِ ڪم جي مکر سان ڪلارڪن جي روم ۾ گهڙيو، تڏهن انـي ڪير بہ نہ ڏسي، محسوس ڪيائين، گويا اسپيڪر جي گهڙندي، اسيمبليءَ جا ميمبر "واڪ آئوٽ" ڪري ويا هجن!

# ٽنل ٽاريءَ

ٽيهن ڏينهن شام جو آفيس مان ٽي موٽيس. اَچا "۱۲۳" بس ۾ اَندر گهڙيس مس ته هن پاڻ سان گڏ وهڻ جو اِشارو ڪيو. پر مون اهڙي ڏيکاري ڏني، ڄڻ ڪيس ڏٺم ئي ڪونه. جڏهن پنهنجي جڳهه تي ٿي ٽڪي وينس، تڏهن هن وري اُچڻ لاءِ اِشارو ڪيو. هاڻي ته ٽٽاڻ مشڪل هو، اُٿي وڃي ساڻس گڏ وينس.

هن چيو، "توکي مولسان گڏ وهڻ ۾ شرم ٿي آيو... مون سمجهيو هو ته تون ٻيئن جهڙو نه هوندين."

مون جٽن ٽٽن ڪري چيو، "نه...نه، اَئين ته ڪونهي،" ۽ ٺيڪ ٺيڪ جواب لاءِ اچا سوچي ئي رهيو هوس، جو چيائين، "توکي اهو سٺو ٿو لڳي ته ٻيو ڪو ڏاڍو شخص اچي مولسان وهي؟"

هنجي اِن گفتي ۾ جا پنهجائـي پريل هئي، ٽنهن سچ پچ مولکي لڄائي ڇڏيو. اچا ته شايد اِن ڳالهه ئي سوال جواب هلي ها، پر ڪنڊڪٽر اچي ٻچائي ورتو. هـن يڪدم رپيو ڪڍي ڪنڊڪٽر کي ڏنو ۽ مونکان پڇيائين، "ڪٿي لهندا؟"

”چوپاٽي!“ مون پنهنجي کيسي مان رپيو ڪڍيو ۽ ڪنڊڪٽر کي، هنجو رپيو واپس ڪرڻ لاءِ چيم. هوءَ سوال ڀري نظر سان مونڏانهن نهارڻ لڳي. مون چيو، ”اٿين ڪيئن ٿيندو؟ مان تو ڀاڙو ڏيانس.“

”ساڳي ڳالهه ته آهي،“ هن هي لفظ ائين ته حجت سان چيا، جو مونکي اڻ مٺي لڳي. هي چوپاٽيءَ جون ٻه ٽڪيٽون ورتيون. مونکي سڌ هئي ته هوءَ تاڙديو تي رهندي آهي. لڪري سنڌس چوپاٽي تي لهڻ ذرا مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو.

اتري ۾ چوپاٽي ٻه اچي ويٺي. اسين ٻئي بس مان لٿاسين. مون چيو، ”چڱو، مان هلان ٿو.“

”ڪيڏانهن؟“ هن پڇيو.

”گهر،“ مون چيو.

”اڄ ته ڏهه پندرهن منٽ هتي وهون. ڪهڙو نه دلڪش نظارو آهي. توکي هي نظارو ڇڏي گهر وڃڻ تي دل ٿئي ٿي؟“

منهنجي وات ۾ ڄڻ مڱ پيا هئا. ڪن لاءِ گهر وسري ويم. اسين هڪ بينچ تي اچي ويناسين. پر وري گهر جي ياد هلي آئي. چيم، ”مسز ديشپانڊي، معاف ڪجو. مان وڃانٿو.“

”ڀلا ٽڪو ماندو گهر وڃي ڇا ڪندين؟ ڪهڙي ڀاڃي ٻچي ويٺي اٿيئي جا تنهنجو انتظار ڪندي هوندي.“

هن مشڪي ڏنو.

”اڙي ... ڇو؟ منهنجي ڀتي ... منهنجو ڀت ...“

”ها ...“ لتا ٿي ڄڻ ڀر ڪري. هڪ ڪن ته حيرت ۾ ويٺي رهي. ٻوءِ ڇيائين مس گدواڻيءَ ته ڇهو هو، تون ٻڇيلو (ڪنوارو) آهين!“

مان، لتا ۽ مس گدواڻي هڪ ئي سرڪاري ڪاليج ۾ ڪم ڪندا آهيون. مونکي ياد آيو ته ڪلهه جڏهن گدواڻيءَ سان لتا جي ساراهه ڪئي هئم، تڏهن هن مسخريءَ ۾ چيو هو، ”ٻوءِ تون ئي شادي ڪريس نه.“ هاڻي سمجهه ۾ آيم ته هن ڪيچليءَ، لتا سان به مسخري ڪئي هئي. ڇو ته ڪيس خبر هئي ته، مان شادي ڪيل آهيان ۽ هيءَ اڻ ڄاڻ، گدواڻيءَ لي وشواس ڪري ويٺي هئي. لتا ڪي چيم، ”پاڻي زال به اهڙي جهڙي ڪانه اٿم. آفيس مان توروئي دير سان موٽان ته دمال ڪيندي آهي. اهڙو ڪهڙو آفيسر لڳو آهين جو دير سان تو گهر موٽين.“ ائين چئي مان اُن جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. ليڪن لتا جو جواب ٻڌي اليٽي ٿم ٿي وڃس.

”آلا، اسين سڀ زالون اهڙيون ئي آهيون؟ مان به ته هنڪي ائين ئي چوندي هئس.“ لتا سرد آهه ڀري ۽ ڏڪاري آواز ۾ چيو، ”تون ڀلي وڃ ...“

مون چيو، ”هاڻي ته نه ويندس.“

# قيد

اڄ ڪيترن ڏينهن کانپوءِ مس مس آفيس ۾ سوال پڇيو هوس. سمجهيم، منهنجو نئون باس اڄ مونکي سوال آيل ڏسي، ضرور خوش ٿيندو. پر منهنجي عجب جي حد ٿي نه رهي، جڏهن ڏٺم، نئين باس جي ڪرسي اڃا خالي پيئي هئي. هونءَ نه هو سدائين سوير ايندو آهي ۽ دير سان ويندو آهي. دل ۾ چوندو آهيان، هو مونکان ڪيترو نه خوش نصيب آهي! گهر مان نڪري به مونکان دير سان ۽ پهچي به مونکان اڳ. ڏاڍو ويجهو اٿس هن جو گهر! پر منهنجو گهر آهي، ڪوهه پري، ڪلياڻ ڪئمپ ۾. سو به ٻيءَ ماءُ جو گهر آهي، پاڙن جو گهر آهي، پينرن جو گهر آهي. مون لاءِ ته رڳو رات سمهڻ جي مهمان سراءِ. چڙوچالڻ جـو ٽيس. ليڪن منهنجي باس کي خوبصورت پتني به آهي ته منڙو پٽ به اٿس. ڪمبخت ڪڏهن به ڪين آفيس ۾ ته وقت آيو آهي...
مان اڃا سوچي ئي رهيو هوس ته منهنجو نئون باس اچي ويو. اڄ ڏاڍي عجيب انداز سان آفيس ۾ گهڙيو، ڪلندو ڪيڪاريندو. اصل در وٽان پٽيوالي سان ٿئي چرچو ڪندو اندر گهڙيو. اسٽينو گرل ڏانهن به جهڪي مرڪيائين. اسان ٽنهي جون اکيون وڃي منجهس کتيون

اسٽينو گرل ته پٽيوالي کان ڪلندي پڇڻ لڳي، ”اڄ سڄ
کهڙي پاسي اڀريو آهي؟“ پٽيوالي ننڍي باس ڏانهن
ڏسندي چيو، ”اڄ ته عيد جو چنڊ نظر آيو آهي.“

اسانجي آفيس خاص وڏي ڪانهي. وڏو باس، ننڍو
باس، مان، ليڪٽي اسٽينو گرل ۽ پٽيوالو. پر ننڍي
باس کان سواءِ سڀ هڪٻئي سان اهڙو گهائل مائل
آهيون، جو شاديءَ غميءَ ۾ هڪٻئي جي گهر به اچون
وڃون. هڪڙو ننڍو باس ئي، ڪڏهن ڪنهن کي نه
گهرائي، نه ڪنهن وٽ اچي وڃي. هن اجنبي ٿي
رهڻ چاهيو ٿي ته اسان به کيس اجنبي ٿي رهڻ ڏنو.
ڇا لاءِ سندس پٺيان پران. آخر به رڳو هيڊ ڪلارڪ آهي
۽ مونکان فقط سؤ کن پگهار مٿي اٿس. ڪوئي رعب
ڏيکاري ته گهر سکي هجي، هتي ممبئيءَ ۾ ڀلا فرصت
ڪنهن کي رکي آهي پنهنجائي وڌائڻ جي؟ هتي هرڪو
ماڻهو پنهنجو پاڻ هڪ وڏو ٽڪر لڳندو آهي، جنهن
کي ٽاڪڻ لاءِ ڪيترائي ڏينهن پنهنجائي جي هٿوڙو
هڻڻو پوندو آهي. پر ننڍي باس کي اڄ هينئن پنهنجائيءَ
سان پاڻمرادو مرڪندو ڏسي، ساڻس گهائل مائل ٿيڻ تي
دل هرکي ويئي. موقعو تاڙي چيم، ”اڄ ڏاڍا خوش پيا
لڳو. ڪا خوشخبري؟ ٻڌڻ جا اسين به حقدار ٿي
سگهون ٿا؟“

ننڍو باس منهنجي منهن ۾ نهاري مرڪڻ لڳو. انهين

لڳو ڪجهه چاڙهڻ لاءِ پاڻ ۾ آتو هو. هن خوش خوش ٿي چيو، ”اڄ مان سچ پچ خوش آهيان. اصل ڏاڍو خوش آهيان.“ اهو ٻڌندي اسٽينو، ٽئڪسيوالي کي چيو، ”چار چاءِ باس کي شان ۾ آ جائين.“

ننڍو باس ڪاوڙيو ڪونه ۽ نڪي منهن گهنجايائين. ڪلي چيائين، ”ها ٿورا پيڙا ته ڪاٽي وٺو.“ اسان کي لڳو اسان جي ڪٽنب جو پاڻي اڄ سفر تان گهر موٽيو آهي.

وڏي باس جي اچڻ ۾ اڃا ڪلاڪ کن جي دير هئي. اسان سڀني خوشخبري ٻڌڻ لاءِ ننڍي باس طرف ڪن ڪيو. ننڍي باس ڪر موڙي ٻانهون ڦهلائي چيو، ”بس اڄ قيد مان آزادي ملي ويئي.“

مون چيو، ”قيد ته توهان صاحبن پاڻيهي پاڻ کي ڏنو هو...“

ڪنڌ لوڏي چيائين، ”ٺيڪ، بلڪل ٺيڪ، قيد مون پاڻيهي پاڻ کي ڏنو هو پر اڄ هيڊ و پري ٻوراولي مان آيو آهيان ته به دل ڏاڍي خوش آهي.“

مون پنهنجي روزاني لنبي سفر کي ياد ڪندي چيو، ”هاءِ ڙي ابابا ٻاڄه! پرڀل مان آئي ٻوراولي ڦهي وينا آهيو ته وڌيڪ خوش ٿيا آهيو...“

”هوائڊو ڪوئي رومانس.“ اسٽينو شرطايو.

باس لچارو ڪلي چيو، ”پاڻي اسان هڪ پيرو ڪي رومانس ڪيو ۽ ٻوراس ڀوڳيوسين. ليڪن هاڻي ٻوراس

# قيد

اڄ ڪيترن ڏينهن کانپوءِ مس مس آفيس ۾ سويل پهتو هوس. سمجهيم، منهنجو نئون باس اڄ مونکي سويل آيل ڏسي، ضرور خوش ٿيندو. پر منهنجي عجب جي حد ئي نه رهي، جڏهن ڏٺم، نئين باس جي ڪرسي اڃا خالي پيئي هئي. هونءَ ته هو سدائين سويل ايندو آهي ۽ دير سان ويندو آهي. دل ۾ چوندو آهيان، هو مونکان ڪيترو نه خوش نصيب آهي! گهر مان نڪري به مونکان دير سان ۽ پهچي به مونکان اڳ. ڏاڍو ويجهو اٿس هن جو گهر! پر منهنجو گهر آهي، ڪوه پري، ڪلياڻ ڪئمپ ۾. سو به ٻيءَ ماڙ جو گهر آهي، پاڙن جو گهر آهي، پيئرن جو گهر آهي. مون لاءِ ته رڳو رات سمهڻ جي مهمان سراءِ. ڇڙو ڇانگ جو ٿيس. ليڪن منهنجي باس کي خوبصورت پتني به آهي ته منڙو پٽ به اٿس. ڪمبخت ڪڏهن به ڪين آفيس ۾ نه ونئي آيو آهي... مان اڃا سوچيندي ئي رهيو هوس ته منهنجو نئون باس اچي ويو. اڄ ڏاڍي عجيب انداز سان آفيس ۾ گهڙيو، ڪلندو ڪيڪاريندو. اصل در وٽان پٽيوالي سان ٿئي چرچو ڪندو اندر گهڙيو. اسٽينوگرل ڏانهن به جهڪي مرڪيائين. اسان ٽنهي جون اکيون وڃي منجهس کتيون

منهن قيدي ائين لڪڙو پهندو هوس، جڻ گهٽيءَ جي موڙ وٽ ڪو ماڻهو مون لاءِ ترسيو بيٺو آهي. پنهنجي من کي اهڙي ڪٺي گهٽ ٻوسات ڏمر جو ڳالهه ڪرڻ جي ناهي. هروقت اهو ٿي ڀپ هو ته ڪٿي راز نه ظاهر ٿي پوي، پت نه واهڪي ٿي وڃي.

”اُف! ٻپ ٻه چار ته ماجرا آهي. ٻپ جا هي ٻه سال ته الائي ڪيئن گذريا آهن. آهه... هڪ خسيس اجهي لاءِ چار ته ڪرٽو پيو؟ الائجي ڪيئن ڪٽو ڪٽو ڪري پگهار مان ٻڪڙيءَ جا پئسا گڏ ڪري، تڏهن جڳهه هٿ ڪئي اٿم ۽ مس وڃي انهيءَ قيد مان ڇوٽڪارو حاصل ٿيو آهي...“ چوندي چوندي هنجي دل ڀرجي آئي.

آسانجي دل به ڀڳهرجي ويئي. اسين مات ٿي مات ٿي، من ۾ پنهنجي ٻاس لاءِ تاهيل راين جي قيد کي ٽوڙڻ ۾ مدد ٿي وياسين.

# "پيار نه کپيس"

در تي کڙڪو ٿيو ته دل ذرا ڌهلجي وئي. رات جا ٻَ لڳي ويا هئا؛ مون روئي کائي، ٻه چار اوڳرايون ڏيئي سمهڻ جون تياريون پئي ڪيون. ويچاري ماءُ ڪا ٻوٽي پڙهي ايشور کي مون لاءِ، آزيون نيزاريون ڪري رهي هئي.

مان دل جهلي در کوليان، ان کان اڳ در ۾ ڪيل جاسوسي ٽونگ مان جهاتي پائي ڏٺم ته متان ڪو رامن راگهو جو چيلو نه هجي. ٻر ٽونگ مان ٻاهر بيٺل شڪل ڏسي ٻه وڙندو وڃي ماءُ کي چيم، "اڙي ايشور تنهنجي آراڌنا اُگهائي آهي."

هن غصي ۾ اچي چيو، "ماريا، توکي ته سڄو وقت رونشو لڳو پيو آهي. پرارٿنا ۾ ڀنگ ۾ وجهي ڇڏيئه! وري تنهن سر پرارٿنا ڪرڻي پوندي."

"اڙي وڌيڪ پرارٿنا جي ضرورت نه اٿيئي. ايشور جي دربار ۾ تنهنجي وينتي قبول ٿي آهي. هو آيو آهي!" مان ٻڪساهي چوندو ويس ته اڇندو ٻه پئي ويس.

"ماريا ڪير آيو آهي، جو هيئن ٿيو نچين؟"

"اڙي هو هونئنهار سالو شريف آهي؟"

"هان... جلد ڪر وڃي در کوليس."

مان در کولڻ ويس ۽ ماءُ وري به ٻڌارڻ ۾ مصروف ٿي ويئي، "هي ايشور، منهنجي سڪيلڌي ڌيءَ جو نصيب کول. هن جي گهٽ ۾ وجهه نه هو پنهنجي ڌيءُ ڏيڻ قبول ڪن. سرڳيءَ جو گهر سائو ڪر."

مون در کولي، هنکي خوب کيڪاريو. ڇيو مانس اندر اچ. پر هن ڪنڌ ڌوڻي چيو، "بابا هيٺ ويٺو آهي. مٿي به ماڙا چڙهي نٿو سگهي. توهان کي ڪوٺي ويٺو. مهرباني ڪري جلد هلو."

"اندر نه اچو نه."

"نه نه، مان هلان ٿو. توهين هيٺ اچجو."

"چڱو، توهين هلو نه مان ڪپڙا مٽي اچان ٿو،" چئي مون ڪمري ۾ اندر اچي ماءُ کي فلڪ سان چيو، "آئي نه ٻلبل پيٽيءَ لي. مون جهڙو خانداني ڪمائيندڙ ڇوڪرو ٻئي ڪٿان ولي نه مونکي. ڇيومانءَ نه هو وري به تنهنجي در جي اچي سلامي ڀريندا. هيڏي وڏي، عمر واري ڇوڪري پلا پيو ڪٿي اگهامند ن؟ هيٺ پڻس پاڻ ويٺو آهي."

"اڙي، ماريا، اها منهنجي ايشور جي ڪرپا اليئي، جنهن ليٺ منهنجي ٻڌي آهي. وڏي سڪا ٻاسي آئمانس. نه نه تو تنهنجو موڪيو ٿئي."

”اڇا، هي تنهنجو ايشور، لڏهن ڪانگريس سرڪار کان به وڌيڪ رشوتخور ڇٽبو. پوءِ هاڻي جيڪا رشوت ٻاسي آڻيس، سا اڄي چوڻ تي ڪٽي ٻاسيس، جو هينئري پنڪڻ کان ڇٽي پئون ها. گهٽيون ڇوڪريون ڏنيون اٿم. ڪا مونکي نه وڻي نه ڪنهن کي مان نه وڻان. هيءَ شادي ته ڪانهي جڻ ڪا شاپنگ ڪرڻي آهي.“

”ڇگو جلدي ڪپڙا بدلائي وڃ. زور ڪري مٿي وٺي اچين.“

مان جئن جئن ڪپڙا بدلائيندو ٿي ويس، لئن لئن منهنجي اکين آڏو، ڏنل ڇوڪريون هڪ هڪ ٿي، سئنيما جي چترن والگر ڦرڻ لڳيون......

ڪي موڙا مچڪا پيئون ڏين ته ڪي ناز نخرا پيئون ڪن. هو جيڪو ناڪاري جواب ڏيندڙيون وڃن، منهنجي دل ۾ انجو جواب ٿيندو وڃي. جئن ڪا چوي. ”نه، عمر جو وڏو آهين.“ ته منهنجي دل چوي، ”آئي ٿو مئن جوان هون. |

ڪا چوي: ”ڇي...... قد جو ڇرلو آهين.“

منهنجي دل چوي: ٿون کهڙي سرو قد سندري آهين.

”اون... هون اڻ پڙهيل آهين.“

ٿون به ڪاليج پڙهين آهين ته کهڙي ڪيمپ ڪٽي آئيئي.

”اَلا! فئڪٽريءَ ۾ مڪئنڪ آهين.“

محنت ڪندڙ آهيان، تو والگر ٽُوٽ ٽپالي ناهيان.

”سا ري... سالو رو آهين.“

تون ڪهڙي حوُر پري لئي آهين؟

”ف... ت... فٽشبل ناهين؟“

برابر مان آمريڪي هپي ناهيان.

”روبسٽ باڊي نہ اٿئي.“

ها تو والگر روز ملهہ وڙهڻ جهڙي باڊي نہ اٿم.

”ساد و سود و آهين.“

ها، لٽونٽون لخريلو ناهيان.

”شاهوڪار ٿي ڪونہ آهين.“

شاهوڪار ٿيڻ ۾ ڪهڙي فارسي آهي؟

”پرسنلٽي بہ ڪانہ اٿيئي.“

برابر پنهنجي نمائش ڪرڻ لہ ايندي اٿم.

عجب نہ هئن سيني ڇوڪرين مان ڪنهن بہ اٿين ڪونہ چيو تہ ڪيس رڳـــو هڪ پيار ڪندڙ پتي کپي. غلطي منهنجي اها هئي، جو ٻاپي جي جيٺري هوندي نہ شادي ڪرڻ ڏانهن ڌيان ئي نہ ڏنم. ۽ اڄ هن جي گذاري وڃڻ بعد، جڏهن مان زندگيءَ جون ٣٤ بهارون ماڻي چڪو هوس، تڏهن الاجي ڇو شاديءَ جي گهرج محسوس ٿيڻ لڳي هئم.

۽ اڄ اهــا پوري ٿيندي نظر اچــي رهي هئي.

منهنجي اکين اڳيان ڪلهوڪو نظارو ڦري ويو، جڏهن هڪ پيءُ ۽ هڪ پٽ، منهنجي پاس کان منهنجي پگهار ۽ چال چلگت بابت پڇاڳاڇا ڪرڻ آيا هئا ۽ مولڪي مڪئنڪ جي پوشاڪ ۾ ڏسي ٻهرين ته دهلجي ويا هئا، پر پوءِ جڏهن مون پوشاڪ بدلائي، کين هوٽل ۾ چانهه پياري سندن سڀ ڇنتائون دور ڪيون، ۽ کين خاطري ڏياريم ته ٤٠٠ رپيا ڪمائيندڙ آهيان ۽ آهي سڀ سدائين پنهنجي ڪنوار اڳيان اُداس رکندس ۽ گهر جي راڻي ڪري هر طرح سکي رکندو سانس، تڏهن وڃي کين آٿت آيو هو ته برابر سندن ڇوڪري شينهن ڪلهي چڙهندي...

... ۽ هاڻ هو ٻئي هيڏي رات جو شايد انڪري ئي آيا هوندا ته ڪٿي مون جهڙو سڀاجهو ۽ خانداني مرغو هٿان ته نه نڪري وڃي ۽ ضرور ائڊوانس ٻڪنگ ڪرڻ چاهيندا هوندا.

مان سوٽ بوٽ پائي هيٺ لٿس. هن وقت پهچي ڪيڪاري ڇيم، "فرمايو، ڪهڙي آگيا آهي."

ٻئي پيءُ پٽ اهو ٻڌي، ذرا ڪڪا وڪا ٿي ويا. نيٺ پيءُ ٿي ساهس ڪري پڇيو، "بابت، تنهنجي ٻ يگهه گهڻي آهي؟"

هي عجيب سوال ٻڌي ٻهرين ته مان هڪو ٻڪو ٿي ويس ته هي وري ڪهڙو نئون رنگت شروع ٿيو آهي.

ڪتي منهنجا آنسا ۽ اميدون، گيهہ جي دلي وانگر
پٽ تہ نہ اچي پونديا. پر جلدي خنڪيءَ سان وراڻيم،
”مون پنهنجي ڊيگهہ ماپي ڪانہ ڏني آهي، پر سمجهان
ٿو تہ اها ساڍا ۵ فوٽ ٿيندي.“

”ٺيڪ،“ هيءَ ٻوڏ ۾ پيل جي رڙ ڪئي.

”ماپي ڪڍي ٺيڪ ڪريو.“ مون تہ فلڪ سان جٽي
ڏنو مانس، جيتوڻيڪ دل ٻڏي ٽٽي پئي تہ ڪٿي
منهنجي ڊيگهہ، ساڍا ۵ فوٽن کان گهٽ نہ ٿي پوي.

هيءَ چيو، ”نہ نہ، ٺيڪ.“ هو نہ چوندو ٻہ پئي
ويو تہ پنهنجين گرائن سان منهنجي ڊيگهہ ماپيندو ٻہ
پئي ويو. مان اهو ڏسي سچ پچ دنگ رهجي ويس.
هيئن عام ونهندڙ گهٽيءَ ۾ ايهي ڪو ماڻهو پنهنجي
هونهار ناليءَ جي ڊيگهہ وٺي ماپي، اهو ڪٿان جو
دستور هو؟ پيو ڪو ماڻهو ڏسي وٺي تہ؟؟ ٻيهر تہ
دل ۾ آيو تہ ڀڄي هيءَ جي ذيءَ کهڙي هوندي.
چو نہ انڪار ڪري ڇڏيان. پر هتي تہ بالڪل ٻانهن لاءِ
محتاج هو، سو دل ئي دل ۾ سور پئي ويس. پڇيومانس
”ڪيئن تسلي ٿيو؟“

”ساڍا ۵ فوٽن کان تہ ڪجهہ گهٽ ٿي لڳي،“ هيءَ
هٻڪي هٻڪي چيو تہ مٿان مان ڪٿي غصي نہ ٿيان.
اهو ٻڌي منهنجي دل ٿوري ٻڏي ويئي. پر يڪدم
هيڏانهن هوڏانهن نهاري، مون ذرا ٽٽولي پرٿي نوع

۽ چيو، ”توهين پيرسن آهيو، پٽ ڪي ڇٽو نه ڇڳيءَ طرح ماپي ڏسي.“

”نه، نه“ چولڊو وريو ۽ ٻيو ۽ پنهنجو ۽ پنهنجي پٽ جو رومال ڳنڍيي اُن سان ماپ وٺڻ لڳو.

مون ۽ سندس ڪيل ماپ ٻاهت ٻڌڻ کان اڳواٽ ئي، خنده زنيءَ واري لهجي ۾ چيو، ”فوت ڪٽيءَ سان ماپي ڏسو، فوت ڪٽيءَ سان...“

۽ ٻيو لڳي ٽيڻ ٻدران، سچ پچ پٽ کي ڇوڙڻ لڳو، ”ڏس نه ڪٽي پاسي ۾ فوت ڪٽي ملندي هجي؟“

پٽ يڪدم گهٽيءَ مان نڪري رستي ڏالهن وڃڻ لڳو ۽ پيءُ مونکي آهستي چوڻ لڳو، ”پٽ هل نه هوٽل ۾ ڪجهه ڊرنڪ ۽ پيئون ۽ ڳالهه ٻولهه به ڪريون. مهنجي ذيءُ جي ڊيگهه ساڍا ٥ فوت آهي ۽ تنهنجي ڊيگهه جي پڪ ڪرڻ لاءِ ئي هيڏي مهل اچڻو پيو آهي. بس فقط ڊيگهه ئي هن جي فيصلي جو مدار آهي.“

الاجي ڪيئن مان نه چاهيندي ۽ هن سان گڏ هلڻ لڳس. هن جو پٽ يڪدم ٽڪڙو ٽڪڙو ڏورو پريان دڪان جي قطار وٽ وڃي ڏسي ڪري واپس آيو. چيائين، ”فوت ڪٽيءَ وارو دڪان نه بند آهي.“

پيءُ يڪدم پٽ کي چيو، ”هو ڏس سامهون درزيءَ جو دڪان اڃا کليل آهي. هن وٽ ٽيپ

ضرور هوندي. هن جي پرسان ٻجليءَ جو ٿنڀو به لڳل آهي. اُن جي آڌار تي ماپ ٻه ٻَڪي ڪري سگهبي."
وري مون کي مخاطب ٿي چيائين ته "ٻڌ ڇا ڪجي؟ اڄڪلهه لنڊن جو زمانو آهي، هوءَ ڊيگهه جي سوال تي پنڌ ڪري ويٺي آهي. ڇوري تي ته پنهنجي قد جهڙو فِٽ تي گهوٽ ڪپي، هڪ انچ گهٽ نه هجي."

اهو ٻڌي منهنجي غيرت ڀڙڪو کاڌو. جولان وچان سٽ سري ٻڌائي ڇڏيمانس، "ڪاڪا پنهنجي ڌيءَ کي ڪنهن ساڍي 6 فوٽ فِٽ ڊيگهه سان ٿي وڃي شادي ڪرايو. هنکي ڊيگهه ڪپي، پر پيار نه کپيس."
ائين چئي مان لڪڙو لڪڙو گهر ڏانهن موٽڻ لڳس.

---

**درستي:-** صفحي ٢ تي پهاڙيءَ جي سٽ ۾ "نظر اچي ٿي" لفظن بدران "نظر نٿي اچي" لفظ ڪري پڙهڻ کپن.